
بهادر ڇوڪري
(ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون ۽ مضمون)
ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ

# بهادر ڇوڪري

(ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون ۽ مضمون)

## ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

(حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ)

ڪتاب جو نالو: بهادر ڇوڪري
موضوع: ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون ۽ مضمون
ليکڪ: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
اکرن جي اُڻائي: جمال ڄامڙو
ٽائيٽل: محمد وسيم خان
ڳاڻيٽو: 500
ڇاپو: پهريون، آگسٽ 2020ع
ڇپائيندڙ: سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ
ڇپيندڙ: سنسار پبليڪيشنس اينڊ پرنٽرس ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

مُلهه: 140 رپيا

Book Name: **Bahadur Chhokri (Brave Girl)**
(Stories & Essays for Children)
Written by: Dr. Kamal Jamro
Composed by: Jamal Jamro, 03212072889
Editon: First, August 2020
Publisher: **Surhan Welfare Society Sindh**
Email: surhanws@gmail.com,
Contact:0301-2399345
Printer: SANSAAR Publications & Printers Karachi, Sindh
Price: 140/-

**ڇپيندڙ**
**سنسار پبليڪيشنس اينڊ پرنٽرس ڪراچي**
**آفيس: روم نمبر 307، ٿرڊ فلور، صابر منزل،**
**نزد گل پلازا مارسٽن روڊ، صدر، ڪراچي، سنڌ**
**Contact:03002507766**
**Email: sansar.sindh@gmail**

# سنڌاءُ


- چپائيندڙ پاران ........................ نذير احمد ڪاڪا / 06
- ليڪ پاران............................................. /08
- منهنجي امڙ اشرف خاتون (ساروڻيون)، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو / 09


## ڪهاڻيون


1. جهرڪيءَ جو ٻچڙو ......................................... / 13
2. ساڙيلو پولو ........................................... / 15
3. ڏاهو ٻار .................................................... / 17
4. سچار چوڪر ................................................. / 19
5. بهادر چوڪري ........................................... / 21
6. هڪ ڏينهن جي ڳالهه ...................................... / 24
7. حرڪتي ٻار ................................................ / 25
8. شرارت ..................................................... / 27
9. مَنُو پيٽي ....................................................... / 29
10. چوريءَ جي سزا ........................................ / 31
11. امڙ ........................................................... / 32
12. نوشيروان بادشاهه وارو فيصلو ........................... / 33


## مضمُون


1. صُبح جو باغ جو سير ........................................ /37
2. نشو نياڳي عادت آهي......................................... / 39
3. نياڻين جي تعليم جي اهميت ۽ ضرورت ..................... / 40
4. سنڌ جا پور هيت ٻار ۽ گلوبل مارچ 1998ع................ / 43
- مزاحيه خبرون ................................................ /49
- غُلام مصطفيٰ حيدر سان ڳالهه ٻولهه........................ / 51


****

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”**بهادر چوڪري**“ اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ ۽ محقق **ڊاڪٽر ڪمال جامڙي** پاران ٻاراڻي ادب تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڪهاڻيون، مضمون ۽ انٽرويو شامل آهن.

ڪتاب ۾ شامل هي لکڻيون ڊاڪٽر ڪمال جامڙي ان وقت لکيون، جڏهن هو ٻار يا ڇوڪرو هو. سندس پراڻين لکڻين شايع ڪرائڻ جو مقصد ٻارن کي اُتساهه ڏيارڻ آهي. هي لکڻيون 1986ع کان 91_1990ع تائين جون لکيل ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ڪي ڪهاڻيون وري ريڊيو پاڪستان خيرپور جي پروگرام ٻارڙن جي دنيا ۾ به پڙهيون ويون. هڪ مضمون 1998ع جو لکيل آهي.

هي ڪتاب **سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ** پاران 2020ع ۾ **سنسار پبليڪيشنس اينڊ پرنٽرس ڪراچي** وٽان ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سنسار پبليڪيشن جي سرواڻ اسلم ڪٽياڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

**books.sindhsalamat.com**

# ڇپائيندڙ پاران

پيارا ٻارو! سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنه 1996ع کان پنهنجي نالي سرهاڻ وانگر خوشبوءِ پکيڙيندي پئي اچي، خاص ڪري اوهان جي تعليم لاءِ مثالي خدمت ڪئي اٿائين. مختلف اسڪول کولي ۽ ڪتاب شايع ڪرائي علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائيندي پئي اچي. ماحول، صحت ۽ ثقافت جي ميدان ۾ به هن تنظيم جو ڪم آهي پر هتي ذڪر رڳو اوهان جي تعليم ۽ تربيت جو ڪريون ٿا.

ٻارو ! هن تنظيم ٻوڏ متاثر ٻارڙن لاءِ سنڌ جو پهريون اسڪول آگسٽ 2010ع ۾ ٻوڏ متاثر ڪيمپ ليبر اسڪوائر، گڏاپ ڪراچيءَ ۾ پائلر جي مدد سان کوليو جنهن جو نوبل انعام يافته عالمي شخصيت ملاله يوسف زئيءَ به دورو ڪيو هو. ان وقت ڪيس نوبل انعام نه مليو هو. هوءَ ٻارڙي هئي ۽ تعليم جي ميدان ۾ جدوجهد ڪري شهرت ماڻي چڪي هئي.

ٻوڏ متاثر ٻارڙن لاءِ اسان ڇهه عارضي اسڪول قائم ڪيا هئا، جن ۾ ٻن هزارن کان وڌيڪ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين پرائمري تعليم حاصل ڪئي. هن وقت به هيءَ تنظيم گمبٽ لڳ ڳوٺ علي نواز ڄامڙي ۾ سُرهاڻ ماڊل ايليمينٽري اسڪول هلائي پئي، جنهن ۾ ٽي سئو کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم پرائي رهيا آهن.

اسان ٻارڙن جي تفريح ۽ تربيت لاءِ هن ڪتاب کان سواءِ ڊاڪٽر عابده گهانگهرو جو ٻارڙن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب ”ماريه، ميز ۽ لائبريري“، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو ”پتائي ۽ پوڻ“ ۽ ٻيا ڪتاب

شائع ڪرائي چڪا آهيون. هيءُ ڪتاب بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

ڊاڪٽر ڪمال جامڙو ملڪ جو مڃيل اسڪالر آهي، جنهن هڪ ليکڪ، محقق ۽ مرتب جي حيثيت سان پنجاهہ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. هن وقت وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچيءَ جي سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي.

ڪتاب ۾ شامل هي لکڻيون ڊاڪٽر ڪمال جامڙي ان وقت لکيون، جڏهن هو اوهان وانگر ٻار يا ڇوڪرو هو. سندس پراڻين لکڻين شايع ڪرائڻ جو مقصد اوهان کي اُتساهہ ڏيارڻ آهي. هيءُ ڪتاب پڙهي اوهان بہ ليکڪ ٿي سگهو ٿا ۽ دعا آهي تہ ملڪ جا نالي وارا ليکڪ ۽ محقق ٿي قوم جي خدمت ڪندا.

مان هن ڪتاب کي ڇاپيندڙ سنسار پبليڪيشنس ۽ پرنٽرز جي سرواڻ محترم اسلم ڪٽياڻ جو پڻ ٿورائتو آهيان.

اميد تہ پنهنجو ساٿ سلامت رهندو.

**نذير احمد ڪاڪا**
**جنرل سيڪريٽري**
**سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ**

# ليڪڪ پاران

**پيار ٻارو اسلام عليڪم !**

اوهان جا ڪهڙا حال آهن؟ اميد تہ خوش هوندا ۽ پڙهڻ ۾ مصروف هوندا. پڙهڻ سان گڏ وندر وروندهن ۽ راند روند بہ ضروري آهي، اهو ئي سبب آهي تہ مون هيءُ ڪتاب اوهان جي تربيت، تفريح ۽ وندر لاءِ سوکڙيءَ طور لکيو آهي.

هن ڪتاب جون ڪهاڻيون، مضمون ۽ ٻيو مواد ان وقت لکيم جڏهن مان پاڻ بلڪل هڪ ٻار هيم، هي لکڻيون 1986ع کان 91_1990ع تائين جون لکيل ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ڪي ڪهاڻيون وري ريڊيو پاڪستان خيرپور جي پروگرام ٻارڙن جي دنيا ۾ بہ پڙهيون هيم. هڪ مضمون 1998ع جو لکيل آهي. جنهن مضمون يا ڪهاڻيءَ تي تاريخ يا سن ۽ اخبار يا رسالي جو نالو لکيل آهي، اهو آخر ۾ ڏنو اٿم.

مون پنهنجي ٿيهہ پنجٽيهہ سال پراڻين لکڻين ۾ تمام ٿورڙي ڦير ڦار ڪئي آهي. سڀ لکڻيون وندر وروندهن ۽ ڄاڻ سان گڏ نصيحت ڀريون پڻ آهن، جنهن سان اميد تہ اوهان جي ذهني صلاحيتن ۾ بہ واڌارو ايندو ۽ ڪردار سازي پڻ ٿيندي.

مان اوهان جو وڌيڪ وقت نہ ٿو وٺان، اوهان ۽ ڪتاب جي وچ ۾ وڌيڪ رنڊڪ بڻجڻ نٿو چاهيان. تنهن ڪري مون کي ڏيو موڪل ۽ اوهان پڙهو ڪتاب.

چڱو موڪلائي ناهي، سدائين گڏ

**ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**

# ساروڻيون

# منهنجي امڙ اشرف خاتون

پيارا ٻارو! ٻارڙن جي تربيت، تعليم ۽ پرورش ۾ ماءُ، پيءُ ۽ اُستاد جو وڏو هٿ هُوندو آهي پر ماءُ جو ڪردار سڀني کان وڌيڪ هُوندو آهي. اچو تہ آئون اوهان کي پنهنجيءَ امڙ سائڻ بابت ڪُجهہ ٻُڌايان.

مان پنهنجيءَ امڙ سائڻ اشرف خاتونءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون لکان؟ ۽ شروعات ڪٿان ڪريان؟ پنهنجون ڪهڙيون ڪوتاهيون ۽ امڙ سائڻ جي ڪهڙي ڪهڙي ٻاجهہ بيان ڪريان؟ هوءَ ڏاڍي ٻاجهاري هئي. اسان سڀني کي پنهنجين مائرن جو سندن جيئري ئي قدر ڪرڻ گهُرجي ۽ سندن چيو مڃڻ گهُرجي. آئون اڄ جيڪو ڪُجهہ بہ آهيان امڙ سائڻ جي تربيت، پيار، پاٻوهہ ۽ دعائن جي ڪري ئي آهيان.

منهنجي امڙ اشرف خاتون هڪ نيڪ سيرت، سُلجهيل، سچار ۽ سُگهڙ سياڻي عورت هُئي. هُوءَ بہ درجا سنڌي پڙهي هُئي. مان سمجهان ٿو تہ پنهنجي ڳوٺ، ڳوٺ گل محمّد جامڙي ضلعي خيرپور جي هوءَ پهرين نہ تڏهن بہ پهريُن ڪُجهہ پڙهيل ڳڙهيل عورتن ۾ شامل هُئي. هن ڪان پوءِ هتان جي ڀين نياڻين پڙهڻ شروع ڪيو.

منهنجيءَ امڙ ڀين ماين جا ڪپڙا لَٽا سبي نہ رڳو مون کي پڙهايو لکايو پر هر خواهش پوري ڪرڻ جا جتن ڪندي هُئي. پاڻ ٻُڪي ڏکي رهي اسان کي سُکيو رکيائين. هوءَ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪپڙن سبڻ جي ماهر هُئي. سندس پڙهيل ڳڙهيل ذهن اسان جي تربيت ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هوءَ هڪ تہ پڙهيل لکيل هُئي ٻيو سندس ادب سان بہ وڏو لڳاءُ هو. صُوفي شاعرن جو ڪلام پڙهڻ ۽ جهُونگارڻ سندس

اڪيلائيءَ جا ساٿي هُوندا هُئا ڇا ڪاڻ تہ، اسان جو گهر ڳوٺ کان ٻاهر بلڪُل اڪيلو جهنگ ۾ هُوندو هو. بابو سائين لونگ خان ٻنيءَ ٻاري جي ڪم سانگي رات ٻِرات جو ٻاهر هُجي تہ اڪيلي امڙ سائڻ اسان کي سنڀاليندي هُئي. سندس آواز ڏاڍو سُريلو هُوندو هو ۽ شاهہ سائينءَ جو ڪلام اڪثر جهُونگاريندي رهندي هُئي. هُوءَ شاعري بہ ڪندي هُئي.

ڪُجهہ گيت خاص ڪري منهنجي لاءِ ڳائيندي هُئي ۽ اُنهن ۾ مون کي نالو کڻي مخاطب ٿيندي هُئي ۽ دعائون ڏيندي هُئي. ڳوٺ جي ٻين ماين جي هر معاملي ۾ رهنمائي ڪندي رهندي هُئي. مان سندس ٻولين ۽ لولين مان ايترو تہ مُتاثر ٿيس جو سنڌي شعر ۽ ادب ۾ پير پاتم. ڪٿي بہ ڪو ادبي ميڙاڪو ٿيندو هو تہ، بابي سائينءَ کان لڪائي مون کي ڀاڙي ڀُتي جا پيسا ڏئي موڪليندي هُئي. سندس تربيت ئي منهنجيءَ دل ۾ راڳ رنگ ۽ راڳين لاءِ محبت پيدا ڪئي. انهيءَ محبت جي نتيجي ۾ فنڪارن بابت ڪتاب ’سنڌي ثقافت جا امر آواز‘ لکيم، جيڪو سندس نالي ڪيم پر مون کي افسوس آهي تہ هوءَ اهو ڪتاب ڏِسي نہ سگهي. جيڪڏهن ڏسي ها تہ تمام گهڻي خوش ٿئي ها.

هتي امڙ سائڻ بابت هڪ يادگار واقعو بہ اوهان کي ٻڌايان ٿو، جنهن سبب امڙ سائڻ کي ڏاڍي پريشاني ۽ مون کي ڏک پلئہ پيو. ٿيو هيئن جو امڙ سائڻ کي علاج لاءِ مان ۽ امڙ جو ماسات ۽ منهنجو مامو لحاظ علي چانڊيو ريل رستي لاڙڪاڻي وڃي رهيا هُئاسين. روهڙيءَ ۾ امڙ کي ريل ۾ ويهاري ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ وياسين. ٽڪيٽ وٺڻ تي وڏي قطار لڳل هُئي، جنهن ڪري ڪُجهہ دير ٿي. جڏهن واپس آياسين تہ، گاڏي هلي چُڪي هُئي. اسان اسٽيشن تي ۽ اَڪيلي امڙ سائڻ ريل ۾ هُئي. اڄڪي موبائل فون تہ اسان وٽ هيا ڪونہ، جو هڪ ٻئي سان رابطو ڪري وٺون ها. سو اسان ڇا ڪيو، جو ويگن ذريعي لاڙڪاڻي پهچڻ

جو فيصلو ڪيو. پوءِ اسان هڪ دم رڪشو ڪري سکر پهتاسين؛ جتان ويگن ۾ چڙهي لاڙڪاڻي پهتاسين. سفر دوران دعائون گهرندا رهياسين ته الله ڪري امڙ لاڙڪاڻي خير خيريت سان پهچي ۽ امڙ وري اسان لاءِ دعائون گهرندي رهي. بهر حال جڏهن اسان لاڙڪاڻي ريلوي اسٽيشن تي پُڳاسين ته اُها ريل گاڏي به اچي پهتي. امڙ سائڻ ملي وئي ۽ الله سائينءَ جو شڪر ادا ڪيوسين.

امڙ سائڻ جي زندگيءَ جا آخري سال بيماريءَ ۾ گذريا. اڌ رنگي جي مرض، جنهن کي فالج به چوَن ٿا، تنهن کيس وَڪوڙي وِڌو هو ۽ اٽڪل ساڍا ٽي سال کٽ تي پئي رهي.فالج جو علاج ته هئو پراسان وٽ وري ايترا پيسا ڪونه هُئا ۽ نه ئي ڪو مدد ڪرڻ وارو هو. سندس حالت مان ڏِسي به نه پئي سگهيس. نيٺ چُڙي چُڙي 28هين جُولاءِ 2002ع تي الله سائينءَ کي پياري ٿي وئي.

اِهو به افسوس آهي ته امڙ سائڻ جي جنازي ۾ به نه پهچي سگهيس. سندس فوتيءَ جي خبر ٻُڌندي ئي ڪراچيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ريل نڪري چُڪي هُئي. الآصف اسڪوائر پهتاسين ته اُتي به بسُون شام جو نڪرڻ جو چيو ويو. وري ريلوي اسٽيشن ڏانهن وياسين ته هڪڙي ريل ملي جنهن وچي روهڙيءَ لاٿو. جڏهن ته اسان کي ريلوي اسٽيشن راڌڻ پور تي لهڻو هو پر ان ريل جو راڌڻ پور ۾ اسٽاپ ئي نه هو. ايتري ۾ امڙ سائڻ جو دفن ڪفن ٿي چُڪو هو ۽ سندس منهن ڏسڻ کان به محروم رهيس، جنهن جو ڏک اڄا تائين نه ٿو ختم ٿئي. ڏڻي سائينءَ کان دُعا آهي ته امڙ سائڻ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي. آمين!

****

# ڪهاڻيون

# جھرڪيءَ جو ٻچڙو

جھرڪيءَ جو ٻچڙو جڏھن آني مان ڦُٽو تہ، اُن کي وڏو ڪرڻ ۽ ھن جھان ۾ زندھہ رکڻ لاءِ پنھنجي ماءُ وٽن ٽڻن مان جيت جٽيا چُھنب ۾ ڪٽي اچي سندس چُھنب ۾ وجھندي ھُئي. اھڙيءَ طرح ٻچڙي جي پيٽ جي بُک پڃي ويندي ھُئي. جڏھن جھرڪيءَ جي ٻچڙي جو پيٽ ڀرجي ويندو ھو تہ ڏاڍو خوش ٿيندو ھو ۽ ماءُ سان منيون منيون ڳالھيون ڪندو ۽ لاتيون لنوَندو ھو.

ھن ھڪ دفعي پنھنجيءَ ماءُ جھرڪيءَ کان پُڇيو تہ: امان ھن پڪيءَ جڳھہ جي روشندان ۾ ويھندي تون تنگ نہ ٿي ٿين؟ تون جڏھن ھلي ويندي آن تہ مان ڏاڍو پاڻ کي اڪيلو سمجھندو آھيان ۽ ڏڄ بہ ٿيندو اٿم ۽ ڪڏھن ڪڏھن چاھيندو آھيان تہ جيڪر ھتان اُڏري ڪنھن وڻن جي گھاٽي جھُڳٽي ۾ وڃي پاڻ جھڙن ٻين ساٿين سان گڏجي رانديون ڪريان، پر مجبُوري اھا آھي تہ اجا مُنھجا پَر ناھن ڦُٽا جو اُڏامي سگھان. سندس ماءُ اِھي سمُوريون ڳالھيون غور سان



ٻُڌي رهي هُئي. جڏهن ٻچڙي بس ڪئي ته ڏاڏي پيار ۽ پاٻوهه ۾ سمجهائيندي چيائينس ته:”پُٽ! اجا تون ننڍڙو آهين. جڏهن وڏو ٿيندين ته پوءِ تنهنجون سڀ خواهشون پُوريون ٿي ويندون ۽ مُنهنجون آسُون اُميدون به آگهي پوَنديون.“

ڪُجهه ڏينهن گذريا ته، جهرڪيءَ جي ٻچڙي کي پَرڙا به ساوا ٿيا ۽ پوءِ اُهو آڪيري مان ٻاهر نڪري روشندان ۾ ٽپڪيون ڏيئي راند روند ڪرڻ لڳو. جيئن ته هيءُ ماءُ کي اڪيلو هو سو سندس ڏاڏو خيال رکيو ويندو هو. هڪ ڏينهن سندس ماءُ کيس چيو :”ٽِينبڙا! مان تنهنجي لاءِ وجان ٿي چوڳي جو بندوبست ڪرڻ. تون روشندان کان ٻاهر اصل نه نڪرجانءِ! متان تون ڪنهن ظالم ضدي ٻار جي ور چڙهي وڃين؟“ هن وراڻيو:“ امان آءُ بلڪُل هتان ٻئي پاسي نه ويندس. بس تون خاطري ڪر!“

جڏهن ماڻهنس هلي وئي ۽ هيءُ اڪيلو ٿي پيو ته، کانئس ماءُ واري نصيحت وسري وئي. سو ٽپڪيون ڏيندي اچي ڪن راند ڪندڙ ٻارن جي پير ۾ پهتو. جڏهن ٻارن هُن کي ڏٺو ته هُن کي پڪڙڻ لاءِ سندس پويان پيا. ٻار به هُيا ڪي ڏاڍا شرارتي، سو جهرڪيءَ جي ٻچڙي کي پڃائي پڃائي نيٺ پڪڙي وِڌائون. سندس مٿي جي گچڙن کنين ۾ چَپٽي وِجهي چوَڻ لڳس ته :”لال ڦيري ڏي ته پوءِ ڇڏيونءِ! “

آخر ٻارن هُن کي لال ڦيريون ڏياري اڌ مُئل ڪري ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ ڪُجهه دير کان پوءِ مري ويو. جڏهن جهرڪيءَ کي اها خبر پئي ته اُها ٽِينبڙي وٺ اچي روئندي ٻولڻ لڳي:”پُٽ! ڪيڏو سمجهايومانءِ ته ٻاهر نه وڃجانءِ! پر تو منهنجو چيو نه مڃيو. جنهن جي سزا توکي ملي، پر مون کي به اڪيلو ڇڏي وئين.“

ٻارو! توهان کي گهُرجي ته ڪنهن جي دل نه آزاريو نه ئي ڪنهن ساهه واري کي ستايو ۽ پنهنجن وڏڙن جو چيو مڃيندا ڪريو. جيڪڏهن ائين نه ڪندءُ ته جهرڪيءَ جي ٻچڙي وانگر اوهان کي به ڪو ڇيهو رسي سگهي ٿو.

❊❊❊❊

(ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، سيپٽمبر 1991ع)

# ساڙيلو پولو

هڪ ڏينهن وڏ ڦڙو مينهن وَسي رهيو هو. مان بہ ڪُھاڙي ڪٽي جهنگ مان ڪانيون ڪرڻ ويو هُئس ۽ جهنگ ۾ مِينهن جي ڦُڙين کان بچڻ لاءِ هڪ وڻن جي جهُڳتي هيٺان پنهنجي پڳل ڪپڙن سان وڃي بيٺم تہ اوچتي هڪ پولي تي نظر پئي. ڏِسي ڪُجھ پئو بہ ٿيو پر ڪُھاڙي مضبُوطيءَ سان هٿن ۾ جهلي دل ٻَڌي بيٺو رهيس. پر هُو مِينهن جو ماريو ڪُجھ ڀَرپَرو وڃي وڻن هيٺان ويھي رهيو ۽ سيءَ جي ڪري



ڏَڪڻ لڳو. جن وڻن هيٺان پولو ويٺو هو اُنهن وڻن جي جهُڳتي ۾ هڪ ڦُوسي پنهنجي آکيري ۾ مينهن کان لڪي ڏاڍي خوش لڳي ويٺي هُئي، سا پولي خان کي چوَڻ لڳي تہ: ”جيڪر تون بہ مون وانگر پنهنجو اَجهو يعني گھر اَڏين ها تہ هينئر آرام سان نہ ويٺو هُجين ها؟“ اها ڳالھ پولي صاحب کي نہ آئُڙي ۽ کيس ڏاڍي مَنيان لڳي. سو ٽپ ڏئي ويچاريءَ ڦُوسيءَ جو آکيرو ڊاهي هيٺ ڦِٽي ڪري ڇڏيائين. ڦُوسي هُن کي پاڻ

ڏانهن ايندي ڏِسي آڪيري مان نڪري وڃي وڻ جي لامن تي ويهي رهي ۽ مِينهن ۾ پولي وانگر پِڄڻ لڳي. ڏَڪڻ لڳي ۽ پولي کي پِٽڻ لڳي. ان تي هُن کي خوشي به ٿي ته ڪاوڙ به لڳي. پولو خوش ان ڪري ٿيو جو ڦُوسيءَ کي پاڻ جهڙو ٻڏاياڻين ۽ ڪاوڙيو ڦُوسيءَ جي گهٽ وڌ چوڻ تي. سو پولي هُن کي مارڻ جي ڪوشش به ڪئي پر هوءَ پري اُڏري وئي ۽ پولي به اُن طرف رُخ رکيو پر پوءِ پولو ڦُوسيءَ کي نه پُڄي سگهيو. ڇاڪاڻ ته پولو اڏري ناهي سگهندو.

پولي ساڙ ۾ ڦوسيءَ جو آڪيرو ته ڊاهيو پر وريس ڪُجهه به ڪونه. ڇا ڪاڻ ته بد نيت ۽ ساڙ سڙيو انسان توڙي جانور ٻئي کي وقتي نقصان ته ڏئي سگهي ٿو پر ڪو فائدو حاصل ڪري نه سگهندو. نتيجي ۾ ڪانئس نفرت ڪئي ويندي، جنهن سان ڪيس ڪو وڏو نقصان به پهچي سگهي ٿو.

پولي ۽ ڦوسيءَ جي منظر ڪان پوءِ مينهن به ڪُجهه گهٽيو ته مان به مِينهن سان پسيل ڪانين جي مُني پَري ڪري گهر ڏانهن تڪڙيون تڪڙيون وِکون کڻي وڃڻ لڳس ۽ ڪَڪر به موج ماڻي پنهنجي ماڳ اُسهي رهيا هُئا ۽ ڪِرڻا وري زمين جي سر سبز سيني تان ڏرتيءَ جو پسينو پي رهيا هُئا ۽ هوا وهنجاريل وڻن جا وار سموهي رهي هُئي.

****

(ٻارهين جنوري 1989ع)

# ڏاهو ٻار

ٻارؤ! مُريد نالي هڪڙو ڏاهو ٻار ائين درجي ۾ پڙهندو هو. جيڪو وڏڙن جو چوڻ خوشيءَ سان مڃيندو هو ۽ ڪڏهن بہ ڪروڌ ڪونہ ڪندو هو. روز صُبح جو سوير اُٿندو هو ۽ اُٿڻ سان ئي وضو ڪري نماز پڙهي، قرآن ڪريم جو سبق پڙهڻ ويندو هو. ان کان پوءِ نيرن ڪري اسڪُول پڙهڻ ويندو هو. پڙهڻ سان بہ ڏاڍو چاهہ هُوندو هُيس. ان ڪري ڏاڍي محنت ڪري هميشہ پهريون نمبر ايندو هو. راند جي وقت راند ڪندو هو ۽ پڙهڻ جي وقت پڙهندو هو.



هڪ ڀيري مُريد جي ماءُ بيمار ٿي پيئي ۽ مُند بہ سياري جي هُئي. هڪ رات بيماريءَ جي حالت ۾ مُريد کي ماءُ سڏ ڪري چيو: "پُٽ! پاڻيءَ ڍُڪ تہ ڏي." مُريد جڏهن پاڻي کڻي آيو تہ ايتري ۾ ماڻس کي ننڊ جو جهُوٽو وٺي ويو. مُريد دل ۾ خيال ڪيو تہ امڙ کي ننڊ مان

ڪيئن جاڳايان؟ سو پاڻيءَ جو گلاس هٿ ۾ جهلي انتظار ڪرڻ بيهي رهيو. ڪافي دير ڪان پوءِ ماڻس سُجاڳ ٿي تہ ڏٺائين تہ، مُريد پاڻي کنيون بيٺو آهي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ پاڻي پي ڏٽيءَ جي درگاهہ ۾ هٿ کڻي دُعا ڪري چيائين تہ: ”سَدورا پُٽڙا! تون مُنهنجي ڪاڻ هيڏي سيءَ ۾ بيٺو آهين. رب پاڪ تو کي وڏي عُمر عطا ڪري ۽ هميشہ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪري. شال تو کي ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي. ڏٽي ڪندو سَروَن سَر هُوندين.“

مُريد کي جيڪا جيجل ماءُ دُعا ڪئي هُئي سا نيت پروَر پاڪ پُوري ڪئي ۽ مُريد پنهنجي محنت سان ڪاميابي ماڻي. وڏو ٿي هڪ قابل طبيب بڻجي ويو ۽ هاڻي ننڍو وڏو ڪيس ڊاڪٽر مُريد صاحب سڏيندو آهي.

ٻارؤ! اوهان ڏٺو تہ امڙ ڪيڏي نہ عظيم هستي آهي، جو اُن جي ٿورڙي خدمت عرش تي رَسائي ٿي ڇڏي. سو ٻارؤ! توهان بہ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ وڏڙن جو چيو مڃي ۽ مُريد وانگر محنت ڪري پنهنجو مقصد ماڻيو. هُونءَ بہ سُٺا ٻار هميشہ وڏن جو چيو مڃيندا آهن.

****

# سچار ڇوڪر

حاڪم هڪ محنتي، هوشيار، سچار ۽ سُلڇڻو ڇوڪر هو. هُو هميشہ سچ ڳالهائيندو هو. ڪُوڙ کان نفرت ڪندو هو ۽ وڏن جو چيو مڃيندو هو. هُن کي ماءُ جي نصيحت هُئي تہ پُٽ! هميشہ سچ ڳالهائجانءِ ۽ ڪُوڙ ڪڏهن نہ ڳالهائجانءِ! سچ چوَڻ واري کي سدائين پيار، پاٻوهہ ۽ مانُ ملندو آهي ۽ سچي تي ربّ جي رحمت هُوندي آهي جڏهن تہ، ڪُوڙي تي لعنت هُوندي آهي.

حاڪم هڪ ڏينهن شهر ڏانهن وڃي رهيو هو تہ واٽ تان هُن ٽيهہ رپيا ۽ سون جي مُنڊي لَڌي ۽ ڪٽي اچي هُو هڪ جاءِ تي ويهي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ: "هي پيسا ۽ مُنڊي ڪاڏي ڪجي؟" هيءُ اهو سوچي



رهيو هو تہ سندس هڪ دوست شريف بہ اچي ويو. حاڪم سچو احوال شريف کي ٻڌايو. شريف هُن کي چيو :"يار! پيسا مون کي ڏي، باقي مُنڍي تون کڻ. تو تہ اِهي لَڌا آهن، ڪنهن جا چوري تہ ڪونہ ڪيا اٿئي؟ جيڪڏهن ڪو مالڪ ٿيُن تہ ڏنو ويندو." پر حاڪم ائين نہ ڪيو ۽ هُن شريف کي چيو سُڀاڻي مان اهو احوال پنهنجي اُستاد کي ٻڌائيندس. ان تي شريف حاڪم سان ڪاوڙجي هليو ويو.

حاڪم ٻئي ڏينهن جڏهن اسڪُول آيو تہ اُستاد جي ڪمري ۾ گهڙڻ سان سڀ ٻار اُٿي بيٺا. اُستاد ويهڻ لاءِ چيُن تہ سڀ شاگرد ويهي رهيا، پر حاڪم اُٿيو بيٺو رهيو. اُستاد ڪانئس سبب پُڇيو تہ ڇوڪرا! تون ڇو بيٺو آهين؟

حاڪم وراڻيو سائين! مان هڪ ڳالهہ توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان. اُستاد کيس چيو تنهنجي ڳالهہ پوءِ ٿا ٻڌئون، پهريان مُنهنجي ڳالهہ ٻڌو! ان تي سيني شاگردن ڌيان ڌريو ۽ اُستاد کي چيائون سائين! ٻڌايو. اُستاد چيُن ڪالهہ شهر ويو هُئم، سو اُتي مُنهنجي هڪ مُنڍي ۽ ٽيهہ رپيا ڪِري پيا. توهان مان تہ ڪنهن کي هٿ نہ آيا آهن؟

ان تي حاڪم رڙ ڪري چيو تہ، سائين! مان اها ئي ڳالهہ تہ اوهان کي ٻڌائڻ پيو چاهيان. اهي شيون مُون لَڌيون آهن ۽ هي آهن.

ان تي اُستاد پيسا ۽ مُنڍي حاڪم کان وٺي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس شاباس سان گڏ ڏهہ رپيا انعام بہ ڏنائين.

سو ٻارؤ! توهان بہ سدائين سچ ڳالهائيندا ڪريو ۽ حاڪم وانگر ائين مانُ ماڻيندا ڪريو.

سچ چوَڻ سان ملندو پيار، ڪڏهن ٿيندس ڪين خوار

****

# بهادر ڇوڪري

هڪ ڳوٺ تي وڏيري ڪانيو خان جي نالي سان هڪ ڏاڍو ظالم زميندار راڄ ڪندو هو. ڪيس شير دل نالي هڪ پُٽ هو. جيڪو بہ ڪانئس گهٽ ظالم ڪونہ هو. اجا بہ پيءُ کان پنج وِکون اڳيرو هو ۽ سڄي ڳوٺ جي ماڻهن، ٻُڍن توڙي ٻارن، مردن توڙي ماين تي حُڪم هلائيندو هو. مطلب تہ ڏاڍو ترڙو هو. وڏيري جو پُٽ هيو ان ڪري ڪنهن کي همٿ نہ ٿيندي هُئي، جو ڪو وڏيري ڪانيو خان جي پُٽ کي ڪٽي اُف چئي. وڏيري کي تہ گهڻا ئي نوڪر هُئا، جيڪي سندس ڪُتن ۽ ڪُڪڙن کي پالڻ ۽ سندس چمچاگيري ڪرڻ جي ڪِرت بنا پگهار ڪندا هُئا. وَڏوءَ نالي سندس هڪ هاري بہ هو. جنهن کي هڪڙي ڌيءُ هُئي. اهو پنهنجيءَ ڌيءُ کي وڏيري کان چوريءَ شهر ۾ رهائيندو هو.

وڏو هڪ دفعي هر ڪاهي رهيو هو. اُن ڏينهن سندس ڌيءُ جيڪا هتان جي ماحول کان بلڪُل بي خبر هُئي، جنهن جو نالو سنڌو هو. تنهن



کي موڪل هُئي ۽ سندس زال سيائي بيمار هُئي، سو پنهنجيءَ نياڻيءَ کي چئي ويو هو تہ:"ڏيءُ! مان هر تي ٿو وڃان، پوءِ تون ماني کڻي اچجانءِ!"

هوڏانهن وڏيري جو پُٽ شير دل بہ سير سفر تي هٿيار هٿ ۾ کڻي نڪتو هو. جيڪا شيءِ سندس آڏو پئي اچي اُن کي وهائي پيو ڪڍي، پوءِ اُهو ماڻهو هُجي يا جانور. جڏهن سنڌوءَ جي پيءُ وٽ پهتو تہ، ماني کائيندڙ کي نڪاءُ کڻي چماٽ ڪڍاياڻين. اهو ڏِسي سنڌوءَ کان برداشت نہ ٿي سگهيو ۽ نڪاءُ کڻي شير دل کي چماٽ هنيائين. شير دل چماٽ جهلي واپس وريو ۽ وڃي پنهنجي پيءُ کي دانهن ڏنائين. اهو پهريون دفعو هو جو هڪ غريب هاريءَ جي نينگريءَ اڳ جو رڪارڊ ٽوڙي وڏيري جي پُٽ کي چماٽ هنئي.

وڏيرو باهہ ٿي ويو. هاريءَ ۽ وڏيري ۽ ڪمزور ۽ طاقتور بابت هڪ چوڻِي بہ آهي تہ: "ڏاڍي تي ڪاوڙ چڙهي ڪانہ ۽ هيٺي تان لهي ڪانہ!" سو هاريءَ ڏانهن ماڻهو موڪليائين. هيڏانهن وڏو ويچارو پنهنجيءَ نياڻيءَ سنڌوءَ کي پِٽڻ لڳو ۽ چوڻ لڳس تہ :"جيڪر نہ ڄمين ها تہ ڀلو هئي سُورن کان ئي آجو ٿي پوان ها. مون تو کي ان لاءِ تہ ڪونہ پڙهايو هو تہ... هاڻي وڏيرو سائين اسان جو جهُڳو ئي جهڻ ڪري ڇڏيندو." سنڌوءَ پيءُ کي چيو :"مان وڏيري سان پاڻهي ڳالهائيندس. پڙهبو ان لاءِ آهي تہ هر ڏاڍ جي آڏو سينو تاڻي بيهجي ۽ جيئڻ حق سچ کي سُڃاڻي سگهجي."

وڏو وڏيري وٽ حاضر ٿيو ۽ هٿ ادب جا ٻَڌي، ڳچيءَ ڳل ڪپڙو پائي عرض ڪرڻ لڳو:" سائين! مون تہ پنهنجيءَ ڌيءُ کي ماري ماري سڄائي ڇڏيو آهي. هاڻي توهان جي هٿن ۾ ٿو ڏيان. توهان کي جيتري وڻيوَ تنبيهہ ڪريوس. سنڌو پاڻ سان گڏ ڪتاب کڻي آئي هُئي. وڏيري جي سامهون لاڙڪ ۽ بنا پوَ جي هڪ بهادر سپهہ سالار جيان بيٺل هُئي. وڏيرو ڪاوڙ مان ڌَڪندي سنڌوءَ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو :"اَڙِي ڇوري! تو کي اها جُرئت ڪيئن ٿي جو تون مُنهنجي پُٽ سان ڪونسي آهين؟ تو کي خبر آهي تہ تون ڪنهن جو ڪائيندي ۽

پائيندي آهين؟”

سنڌو چوڻ لڳس: “وڏيرا سائين! اها طاقت مون کي هن ڪتاب اربي آهي. مان پنهنجي ڏاٽيءَ جي در جو ڪانوان ٿي. ڇا رب پاڪ تو کي ان لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ، تون غريبن تي ڏاڍ ۽ ظلم ڪرين؟ اهو ڪٿان جو انصاف آهي تہ ماني ڪائيندڙن کي بي گناهہ ماريو وڃي؟ هيءَ ڏاٽيءَ جي ڏرتي آهي. هن تي هر ڪنهن کي رهڻ جو حق آهي. ڇا اهي انسان نہ آهن جن کي لنيون ٿا هڻو؟ توهان جي پُٽ کي خسيس ٿڦاڙ لڳي آهي تہ هيتري واويلا مچائي اٿوَ؟ جيڪڏهن تون زميندار آهين تہ تنهنجي مرضي هلي. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. تنهنجو بيڪار پُٽ پل هر ڪنهن کي پيو ڏُڪائي، تون هٽ پلي اسان تي جبر هلاءِ پر ياد رک قيامت جي ڏينهن تو ڪان هر حساب چُڪائي وٺبو. هٽ ظالم کي ڏگهو رسو هُوندو آهي ۽ هاڻي تنهنجي ظلم جا ڏينهن باقي ٿورا بچيا آهن.”

هوڏانهن سنڌوءَ جي پيءُ جو ساهہ پيو وڃي ۽ هر هر پنهنجيءَ ڏيءَ کي روڪي پيو تہ ڏيءُ! وڏيري سائينءَ سان ائين نہ ڳالهائبو آهي. انهن جوشيلن لفظن وڏيري تي ايڏو تہ اثر وِڌو جو وڏيري سائينءَ جون وايون بتال ٿي ويون ۽ صفا چُپ ٿي ويو ۽ ڇوڪريءَ مان اچي ڦاٿو.

نيٺ ڳالهہ سمجهہ ۾ آيس. پوءِ تہ سنڌوءَ کي ڏاڍن انعامن سان نوازيائين ۽ پنهنجي پُٽ شير دل کي بہ شهر ڏانهن پڙهڻ لاءِ موڪليائين ۽ ڳوٺ ۾ بہ پنهنجي خرچ تي هڪ اسڪول ٺهرايائين، ڪُتن ۽ ڪُڪڙن ويڙهائڻ وارا ڌنڌا ڦِٽي ڪيائين.

ٻارؤ! توهان ڏٺو تہ علم ۾ ڪيڏي نہ سگهہ آهي، جو ظالم وڏيري کي بہ هڪ پڙهيل نياڻيءَ آڏو جهُڪائي وِڌائين ۽ بهادر ڇوڪري وڏيري جي اڳيان پنهنجي دليريءَ سان شينهن جيان گجندي رهي ۽ هڪ غريب ڇوڪري هوندي بہ علم سبب بهادريءَ جو نئون مثال قائم ڪيائين.

❋❋❋❋

# هڪ ڏينهن جي ڳالهه

هڪ دفعي ڪُجهه دوست ۽ مان ڳوٺ جهنبڊي مشائخ جي هڪ گهٽيءَ ۾ ڪا شئي کائي رهيا هُئاسين. سج لٿي جي مهل هُئي ۽ سياري جي مُند هُئي تہ اوچتو هڪ ننڍڙو صفا ڦِٽڪڙو ڇهن سالن جو ٻارڙو اچي اسان آڏو هٿ ٽنگي چوڻ لڳو تہ: ”مون کي بہ ڪُجهہ ڏيو.“ اسان اُن کي ڪُجهہ شئي ڏني ۽ پُڇيوسُونس تہ: ”ادڙا! تون هن ويل ٺهڙي سيءَ ۾ صرف ڦاٽل قميص سان ڪاڏي ٿو وڃين؟ ڇا تو کي پئو ڪونہ ٿو ٿئي؟“

ڪُوماٽل ۽ سُڪن چپڙن سان چوڻ لڳو: ”اسان وري ڪي ڊڄڻا آهيون ڇا؟ مان تہ ڇاڇي بچل وارن ڏانهن لولو وٺڻ روز هن ڪان بہ دير ويندو آهيان. اڄ تہ ساڄهر آهي. بابو مري ويو آهي. مان پاڙي وارن کان ٽُڪر پني ايندو آهيان، جيڪو سڀ کائيندا آهيون.“ ائين چئي اڳتي روانو ٿي ويو.

اسان اُتي ئي بيٺا هُئاسين تہ، وري اُهو ساڳيو ئي ننڍڙو ٻارڙو سيءَ ۾ ڏڪندو ٿڙڪندو اچي رهيو هو. هوڏانهن هڪ موالي بہ نشن ۾ اَلهوٽ لڳو پئي آيو. موالي جي ٻارڙي تي تہ نظر نہ پئي ۽ ٻارڙي کي موالي جو پاسو لڳو تہ ٻار ڪِري پيو ۽ سندس پنيل مانيءَ ڳِيا ۽ ٻوڙ ڌُوڙ ۾ ڪِري هڪ ٿي ويو. ٻارڙو روئڻ لڳو پر موالي کي ڪا ڳل ئي ڪانہ پئي ۽ هُو لامارا ڏيندو ويندو رهيو. ٻار جي روئڻ تي مان ان ڏانهن وڌيس. مون کي سُڏڪندي ٻار چوڻ لڳو هاڻي تہ، مون کي امان بہ ماريندي ۽ سڄي رات بُک تي بہ سُمهنداسين. تون لولو ڏيندين ني؟ اڄ نہ تہ........ ها يايڙا! مون دلداري ڏيندي کيس ڇيو.

پوءِ اُن کي ماني کارائيمانس ۽ گهر لاءِ بہ وٺي ڏنيمانس ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ جا ڪپڙا ۽ جرسي پهرائي، اجرڪ جي ٻوڪي ٻڌي کيس گهر ڇڏي آيس ۽ هاڻي اُن کي روز گهر پڙهائڻ بہ ويندو آهيان.

****

(اٺون درجو، 1986ع)

# حرڪتي ٻار

حرڪتي ٻار مٽي جو سُور ۽ سُلڇڻا هر ڪنهن جي ڳچيءَ جو هار هُوندا آهن. سَدورڙا ٻار پيءُ، ماءُ، وڏڙن ۽ اُستاد جي ٻُڌايل واٽ تي هلندا آهن پر نندورا ٻار وڏڙن جو چيو هڪ ڳن سان ٻُڌندا آهن ۽ ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. چوڻي آهي ته، ”مائٽ ميڻ، اولاد پٿر!“ جيڪڏهن چڙهيا ڪنهن بينش تي ته الله پيو رحم ڪري. تيستائين مُور نه مُڙندا، جيستائين ڪا سزا ملين.

رياض ۽ بدر نالي ٻه ڇوڪرا هڪ ئي ڳوٺ جا، هڪ ئي درجي ۾ پڙهندا هُئا. رياض هوشيار ۽ بااخلاق ڇوڪرو هو ۽ هر سال پهريون



نمبر ڪٽندو هو. پر بدر حرڪتي، ڪم چور ۽ جَڏو شاگرد هو. رياض بدر کي گهڻو ئي سمجهائيندو هو ته ادا! شرارتون ڪرڻ سُٺن ٻارن جو ڪم ڪين آهي. تون پڙهڻ سان دل رک ته وڏو ماڻهو بڻبين. پر هُو رياض جي ڳالهين تي ڪو به ڌيان ڪونه ڏيندو هو. پنهنجيءَ ڌُن ۾ مگن لڳو پيو هُوندو هو.

آخر هڪ دفعي ائين ٿيو جو ڦٽاڪن جي عيد آئي ته، ٻنهي کي پنهنجن پنهنجن مائٽن عيد جي خرچي ڏني. رياض ته سياڻو ڇوڪرو هو سو اُن سڄي خرچي خرچڻ بدران ڪُجهه بچائي رکي ڇڏي، پر بدر کي ته، آرام ئي نه پيو اچي. بس ڳڻتي هئس ته، ڪيئن به ڪري ڦوڪجي، سو ڦٽاڪا وٺي آيو. ڦٽاڪن کي باهه ڏئي ڌماڪا ڪرڻ لڳو. ڪُجهه ڦٽاڪا اُڏايائين ته، هڪ ٻرندڙ ڦَٽاڪو سِڌو وڃي هُنن جي گهر جي لوڙهي ۾ ڪِريو ۽ لوڙهي کي باهه وٺي وئي. جڏهن ڳوٺ جي ماڻهن کي خبر پئي ته بدر جي گهر کي باهه لڳي آهي ته، باهه وِسائڻ لاءِ ڪو پاڻيءَ جا ڀريل دِلا ته ڪو مِٽ ته ڪو ڇونريون ته ڪو ٿيِنَ کڻي اچي پهتو.

نيٺ باهه ته ڳوٺ وارن وِسائي ورتي. باهه سبب لوڙهي کان سواءِ مَنهُن ۾ هڪ ڳئونءَ جي ٻُنيءَ جو ڇوڙو سڙي ويو. اهو ڏِسي ڏَپ کان بدر ڳوٺ ۾ لڪي ويو. جڏهن بدر جو پيءُ شهر کان موٽي آيو ته، ڏٺائين ته، لوڙهو وغيره سڙيو پيو آهي ۽ پُڇا ڪيائين ته، ههڙو ڦهر ڪنهن ڪيو آهي؟ سڄي حقيقت کيس گهران پئي. پوءِ پٽهنس بدر کي ڳولي ڳولي ڏاڍي مار ڏني.

بدر ايلاز منٿون ڪري مار مان جان ڇڏائي ۽ واعدو ڪيائين ته، اڳتي مون شرارتن کان توبهن ڪئي.

اُن کان پوءِ هُن ٻيا سڀ ڪِنا ڪم ڇڏي ڏنا ۽ شريف ۽ سُنو شاگرد ٿي پڙهڻ لڳو ۽ ايندڙ امتحان ۾ پهريون نمبر آيو. پوءِ ته بدر جا سڀ مِٽ مائٽ کيس پيار جي نگاهه سان ڏِسڻ لڳا ۽ پنهنجي منزل رياض وانگر محنت ۽ سُلڇڻائپ سان ماڻڻ لڳو.

جيڪڏهن بدر ڪنهن زيان ڪرڻ يا نقصان ڪائڻ کان پهريان ئي سُلڇڻو ۽ پڙهاڪو ڇوڪرو هُجي ها ته وڏيڪ سُنو ٿئي ها.

****

(20 هين سيپٽمبر 1989ع)

# شرارت

ٻارؤا ڪنهن ڪلاس ۾ ضمير ۽ شڪيل نالي ٻه ڇوڪرا گڏ پڙهندا هُئا. شڪيل تمام ذهين ڇوڪرو هُوندو هو ۽ ضمير هڪ شرارتي ڇوڪرو هُوندو هو. ضمير شرارتي ان ڪري هُوندو هو جو هُو شاهُوڪار جو پُٽ هو. ان ڪري هُن کي ڪو فڪر ئي ڪونه هُوندو هو. جڏهن ته شڪيل هڪ غريب هاريءَ جو پُٽ هو. شڪيل جو پيءُ ڪُراڙو هُوندو هو. پر ان جي باوجُود شڪيل کي پڙهائڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندو هو. شڪيل ۽ ضمير پاڻ ۾ گهاٽا دوست هُئا ۽ هڪ ئي ڊيسڪ تي ويهندا هُئا. جڏهن ڪو خالي پيرڊ ڪين ملندو هو ته ان ۾ شڪيل پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مشغول رهندو هو. جڏهن ته ضمير شرارت پيو ڪندو هو. ڪڏهن اُستاد جي ڪُرسيءَ تي ويهندو هو ته ڪڏهن ڇوڪرن سان پيو وڙهندو هو.



شڪيل ضمير جي گهاٽي دوست هُئڻ ڪري ڪيس انهن حرڪتن ڪرڻ کان پيو بار بار سمجهائيندو هو تہ يار تون هي حرڪتون ڇو ٿو ڪرين؟ ڪُرسيءَ تي ويهندي ڪڏهن تو ڪي اُستاد سائين ڏِسي ورتي تہ پوءِ ڇا سوچيندو؟ وراڻيندو هُئس اڙي ڪُجهہ ڪونہ ٿيندو. مان تو وانگر ناهيان جو گهر ۾ بہ پڙهان تہ فري پيرڊ ۾ بہ ويٺو ذهن تي زور ڏيان ۽ بس سڄو ڏينهن ڪتاب ۾ مُنهن وِجهيو ويٺو هُجان. اهڙي پڙهائيءَ مان ڇا ملندو؟

آخر جڏهن امتحان جو ڏينهن آيو تہ اُستاد جوابي ڪاپيون ورهائڻ لڳو. جڏهن شڪيل کي ڪاپي ملي تہ هُو لکڻ ۾ شروع ٿي ويو. پر جڏهن ضمير کي ڪاپي ملي تہ هُو هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳو. هاڻي هُن کي پنهنجين حرڪتن تي پڇتاءُ ڪرڻو پيو. هُن تہ ڪُجهہ بہ نہ پڙهيو هو سو خالي پرچو ئي ڇڏي آيو. آخرڪار امتحان تہ خير خوبيءَ سان گذري ويو. پر جڏهن نتيجو ظاهر ڪيو ويو تہ ضمير ناپاس ٿي پيو ۽ شڪيل پهريون نمبر آيو. جڏهن ضمير جي ناپاس ٿيڻ جي خبر سندس پيءُ کي پئي تہ هُو پنهنجي پُٽ تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ هُن جي روز ملندڙ خرچي بہ بند ڪري ڇڏيائين.

پيارا ٻارؤ! توهان بہ شڪيل وانگر ڏينهن رات محنت ڪري سڄي اسڪول ۾ پهريون نمبر ڪڍجو. پر ضمير وانگر شرارتي ڇوڪرا نہ ٿجو ڇاڪاڻ تہ سياڻن جو چوَڻ آهي تہ شرارت ڪم شيطان جو آهي.

****

# مَـنُـون پـيـٽـي

ٻارؤ! لالچ هڪ اهڙي عادت آهي، جيڪا فائدي بدران نقصان رسائيندي آهي ۽ چوڻي بہ آهي: "سياڻو ڪانءُ بہ ٽَنگو ڦاسندو آهي." ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ڪانءُ لالچ ۾ اچي گهڻي چوڳي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سياڻپ کي وڏيڪ استعمال ڪندو آهي ۽ سمجهندو آهي تہ ڪامياب ٿي ويندس پر لالچ جي نشي ۾ کيس ڪوڙڪي نظر ئي نہ ايندي آهي ۽ هُو اُن ۾ ٻنهي ٽنگن سميت ڦاسي پوَندو آهي.

تنهن ڪري جيڪو بہ ڪم ڪجي سوچي سمجهي ۽ ضرورت آهر ڪجي.

هُونءَ تہ لالچ جا ڪيترا ئي قسم آهن پر گهڻي ڪاڌي کائڻ واري لالچ ڏاڍي مشهُور ۽ بد نام آهي ۽ ان لالچ ۾ ٻين ڪان سواءِ ڪي ٻار مڙئي تيز ڏِسڻ ۾ ايندا آهن. ٻارن تي گهڻي کائڻ ڪري لالچي، هبچي ۽ پيٽيءَ جهڙا نالا رکيا ويندا آهن. سو اهڙي ئي هڪ ٻار



نالي منظور جي هڪ ڳالهہ ياد اچي ٿي جيڪو بہ پيٽ جو هَتو ٽَتو ۽ لالچي هو. کيس مائٽ ڪاوڙ مان ڪڏهن ڪڏهن مَنُون پيٽي چوَندا هُئا.

منظور ٻن هنڌن تي ماني کائيندو هو. يعني بہ چُلهيو هو. پهريان پنهنجي گهران ماني کائي وري ٻيو دفعو پنهنجي ناناڻن وٽ وڃي کائيندو هو. پر ماني بہ سادي سُودي نہ کائبي. ڪِروڙ ڪري بہ چڱي چوکي کائبي.

ايترو لالچي جو ڪتاڻ، مِناڻ گڏي پيو ڪائيندو هو. خرچيءَ مان اسڪول ۾ بازاري ۽ غير معياري شيون الڳ ڪائيندو هو. اڳ ۾ سڀ ڪُجهہ ڪائي پوءِ پيو چوَندو هو هُون! ڇا ٿيندو؟ جي ٿيو تہ پوءِ مُنهن ڏينداسين.

جيڪڏهن مائٽ ڪا شئي نہ ڏيندس تہ بابا! تو هينئر اجان منِي شئي ڪاڏي آهي؛ هاڻي ئي لسي نہ پيءُ، ڪُجهہ دير ڪان پوءِ تو ڪي جيڪو وٺي سو ڪاءُ، بيمار نہ ٿي پوين! پر منظور مجال آ جو مُڙي وڃي. پر سائين روئي روئي ڪاوڙ ۾ گهر جا ٿانوَ ٿِڦا پڇي وڙهي ڪِري پنهنجو ضد ضرور پُورو ڪبو. وري مائٽ بہ پيار وچان ڪيس ڍَرَ ڏئي ڇڏن.

هڪ دفعي ڇا ٿيو جو هُن جي گهر ۾ ٻتالن جو ٻوڙ چاڙهيو ويو. اجان ٻتالون يعني پتاتا اڌ ڳچا ۽ اڌ پَڪا رَڌا مس تہ اچي منو پيٽي بہ پِٽُنِ. سندس ماءُ جهليُس تہ پُٽ! ايترا گهڻا ٻتالون نہ ڪاءُ! پيٽ ۾ سُور پوَندءِ! پر هيءُ همراهہ اصل ڪين مُڙيو ۽ سمُورا ٻتالون مڪمل پچڻ ڪان پهريان ئي ڪائي ڇڏيائين.

ڪلاڪ ڏيڍ مس گذريو تہ منظور رڙ ڪئي تہ اڙي مري ويس. ماڻس ماني پچائي رهي هُئي، تنهن پُڇيس وري ڇا ٿيُئِہ؟ ڏَسين ڇو نہ ٿو؟ منظور چوَڻ لڳو اڙي لالچ ڙي لالچ! هاءِ لالچ! اصل رڙ پئي پئيس. ماڻس سمجهي وئي. پُٽ! جهليو تہ گهڻو ئي مانءِ تہ اهي ماريا ڪچا ٻتالون نہ ڪاءُ پر ڪونہ مُڙيين.

همراهہ جي رڙمٿان رڙپئي پئي. پوءِ مائٽن ڪيس جلديءَ ۾ پيٽ جي سُور جي ڦَڪي ڏني جا هُن ڪاڌي. ڦَڪي ڦَڪڻ ڪان پوءِ جهٽ ڪن ۾ ئي ڪُجهہ جهَڪائي ٿيس ۽ آهستي آهستي هُن جي پيٽ جو سُور لهي ويو.

منظور ان سزا ڪان پوءِ پنهنجن مائٽن سان واعدو ڪيو تہ، اڳتي مون اهڙيءَ لالچ ڪان توبهن ڪئي ۽ هاڻي مان ڪچيون ۽ غير معياري شيون جهڙوڪ چپس، بوتلون بلڪُل نہ واپرائيندس ۽ رڳو صحيح رڌل پڪل ۽ امڙ جو پڪايل مانجهاندو (Lunch) توڙي تازي رس (Fresh Juice) واپرائيندس.

****

# چوريءَ جي سزا

ٻارؤ! اوهان کي خبر آهي تہ چوري هڪ بُري عادت آهي. ان عمل ڪرڻ ڪري الله تعاليٰ ۽ رسُول الله ﷺ ناراض ٿيندا آهن ۽ معاشري ۾ ماڻهو خوار خراب بہ ٿئي ٿو. هڪ ڳوٺ ۾ دل مُراد نالي ڇوڪرو مال چاريندو هو. جنهن کي ڳوٺ وارا ڏلُو ڏلُو ڪري سڏيندا هُئا.

هڪ عام ڇوڪِري آهي تہ جهڙي صحبت تهڙو اثر. اهو ڇوڪرو بہ بُرن جي صحبت ۾ اچي بُرا ڪم ڪرڻ لڳو ۽ ڪڏهن ڪنهن جي ڪُڪڙ تہ ڪڏهن ڪنهن جي ٻڪري پيو چوري ڪندو هو. آخر ڳوٺ وارن کي خبر پئي تہ هن کي گهرائي سمجهايائون تہ:" پُٽ! چوري ڪرڻ چڱو ڪم نہ آهي. پر هُو سمجهائڻ سان بہ نہ سمجهيو."

هڪ دفعي هُو ميلي تي ويو تہ، اُتي دُڪان تان پنهنجيءَ مينهن کي پارائڻ لاءِ ڳاني چوري ڪري رهيو هو تہ، دڪاندارن ڏِسي ورتس. پوءِ تہ کيس پڪڙي، ماري ڪُٽي پوليس جي حوالي ڪيائون. پوليس کيس اهڙي سزا ڏني جو هُن چوريءَ ڪرڻ کان توبهن ڪئي ۽ ڳوٺ وارن سان بہ واعدو ڪيائين تہ. وري مان ڪنهن جي بہ چوري ڪونہ ڪندس. مهرباني ڪري مون کي پوليس کان آزاد ڪرايو.

سزا کان پوءِ هُو سُڌري ويو پر جيڪڏهن وڏڙن ۽ ڳوٺ جي چڱن ماڻهن جو پهريان ئي چيو مڃي ها تہ هُو پوليس جي مار کان بہ بچي وڃي ها ۽ خواريءَ کان بہ بچيل هُجي ها.

****

# امڙ

اڌ رات جو ننڊ مان جاڳندي ننڍڙي مجيب چيو:“امان او امان.”

سندس پيءُ قاسم مجيب کي چيو:“جيءُ پُٽ!.”

“بابا! امان ڪٿي آهي؟” مجيب پڇيو.

“پُٽ تنهنجي ماءُ شاديءَ ۾ گهُمڻ وئي آهي ۽ اچي ويندي.” قاسم چيو.

“پر امان کي ته ٻه هفتا ٿي ويا آهن. اجا ڇو نه آئي آهي؟” مجيب چيو.

قاسم وراڻيو: “مجيب پُٽ اچي ويندي.”

مجيب پنهنجيءَ ماءُ سان نه ملڻ سبب بيمار ٿي پيو. قاسم پنهنجي پُٽ جو طبيبن کان تمام گهڻو علاج ڪرايو پر وري ٻه مجيب جي طبيعت ٺيڪ ڪانه ٿي.

هڪ ڏينهن قاسم مجيب کي ٻُڌايو ته:“پُٽ تنهنجيءَ ماءُ کي وڏيري شڪار ڪندي گولي هٽي ڇڏي، جيڪا ان وقت کوهه تي پاڻي ڀري رهي هُئي ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجي ماءُ مولا کي پياري ٿي چُڪي آهي.”

مجيب اهي لفظ ٻُڌي صدمون نه سهي سگهيو ۽ مري ويو. قاسم پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻچڙي جي جُدائي نه سهي سگهيو ۽ دماغي توازن وڃائي ويٺو.

****

(پندرهنوار عبرت ميگزين حيدرآباد، هفتيوار ٻارن جو صفحو، 15 ڊسمبر 1989ع)

# نوشيروان بادشاهہ وارو فيصلو

نوشيروان بادشاهہ واري فيصلي بابت اسان اڪثر وڏڙن کان ٻڌندا پيا اچئون تہ، جڏهن بہ ڪن ٻن ڌرين جي وچ ۾ اڻبڻت ٿي پوَندي آهي تہ، هُو ڳوٺ جي چڱي مُڙس ڏانهن فيصلي لاءِ ويندا آهن ۽ وڏيري کي چوَندا آهن تہ: ”پوتار سائين! نوشيروان بادشاهہ وارو فيصلو ڪجانءِ!“ يا وري عدالتن ۾ قاضين صاحبن کي بہ اهو سُوال پيش ڪيو ويندو آهي.

هڪ دفعي مون پنهنجي پيءُ لونگ خان کان پُڇيو تہ:”بابا سائين! اهو نوشيروان بادشاهہ وارو فيصلو ڇا آهي؟ بابي ٻڌايو تہ: ”پُٽ! ڪنهن مُلڪ جو نوشيروان نالي هڪ بادشاهہ هو. جيڪو ڏاڍو انصاف پسند هو ۽ انصاف ڪرڻ سبب سڄيءَ دنيا ۾ مشهُور هو. هڪ ڀيري



نوشيروان بادشاھ جو پُٽ نوڪرن چاڪرن سُوڌو گھوڙن تي چڙھيو پئي آيو. رستي تي ھڪڙي گڏھ پنھنجي ٻچڙي يعنيٰ ڪوتڙي سان بيٺل ھُئي.

بادشاھ جي پُٽ چا ڪيو جو گڏھِ جي ڪودڙي ڪي گھوڙن جي سُنبن ھيٺان چيپاٽرائي مارائي ڇڏيائين. گڏھِ جي ڦرڙي ڪي ڪوتڙو يا ڪودڙو چئبو آھي.

گڏھِ بادشاھ وٽ دانھن ڪٽي وئي. وجي ٺُونن سان بادشاھ جو در ڪڙڪايائين. بادشاھ نوڪر ڪي موڪليو تہ ڏِس تہ در تي ڪير آھي؟ درٻاريءَ در تي گڏھِ ڏٺي تہ اُن ڪي اُتان لوڏي ڪڍيائين ۽ بادشاھ ڏانھن موٽي آيو. بادشاھ ڪي ٻُڌايائين سائين قبلا! گڏھ ھُئي جا در سان ٻُوٿ پئي ڪَنھي.

وري ٻيو پيرو گڏھ آئي ۽ ساڳيا ٺُونا ھنيائين: وري بہ ساڳس ساڳيو ورتاءُ ڪيو ويو. نيٺ ٽيون پيرو آئي تہ بادشاھ چيو شايد ان تي ڪو ظلم ٿيو آھي. بادشاھ گڏھِ جي ڪڍ لڳو تہ گڏھ وٺي ھلي پنھنجي مُئل ۽ چيٿاڙيل ڪودي جي ڊونڊ تي بيھاريس.

بادشاھ اُتان پُڇيو تہ، ھن ويچاريءَ گڏھ جي معصُوم ڪودڙي ڪي ڪنھن ماريو آھي؟ ماڻھن بادشاھ ڪي عرض ڪيو قبلا! توھان جي پُٽ ھن ويچاريءَ جي ٻچي تي گھوڙا چاڙھيا آھن. بادشاھ حُڪم ڪيو تہ پُٽ ڪي گھُرايو وڃي. اُن ڪي گھُرايو ويو ۽ نوشيروان بادشاھ حُڪم ڪيو تہ ھن جي مٿان گھوڙا ڊوڙايا وڃن.

بادشاھ جي پُٽ جيڪو سلُوڪ گڏھ جي ڦرڙي سان ڪيو اُھو ئي سلُوڪ ساڻس بہ ڪيو ويو. اُن ڪان پوءِ ’نوشيروان بادشاھ وارو فيصلو‘ مشھُور ٿي ويو.

****

(20 ھين نومبر 1988ع)

# مضمُون

# صُبح جو باغ جو سير

صُبح جا پنج وڳا تہ پکين پکڻن جون لاتيون ۽ ذکر اذکار بہ شروع ٿيا. مُنهنجي اک بہ کُلي پئي. هوڏانهن مولوي صاحب بہ لائوڊ تي آذان چئي ۽ ڪُڪڙ بہ انسانن کي اُٿارڻ لاءِ ٻانگون ڏيڻ لڳا.

سُبحان الله! پکين جون لاتيون بہ عجيب آهن. دل ائين پئي چاهيندي آهي تہ، جيڪر اهو صُبح صادق سدائين قائم رهي ۽ پکين جون لولين ۽ پريون ٻوليون ٻُڌجن ئي ٻُڌجن پيون. مون اتي وضو ڪري نماز پڙهي ۽ دل ۾ اوچتو خيال اچي ويو تہ، جيڪر پنهنجي باغ جو سير بہ ڪجي. اهو خيال ڪري ٻاهر نڪتس تہ اُپ تي نيرا نيرا، ڪارا ڪارا ڪڪر ڪڏهن اُتر تہ ڪڏهن ڏکڻ، ڪڏهن اولهہ تہ ڪڏهن



اوير ڏانهن صُبح جو پنهنجي سفر جي ڏُن ۾ مصروف هُئا. هوڏانهن

ڪي ڳوٺ جا ماڻهو بہ پنهنجيءَ پوک جو سُٺ سماءُ وغيرهہ لهڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي خيال سان بيٺا هُئا. مان جڏهن باغ جي پر سان پهتس تہ ماڪ ۾ گهميل ۽ ٽِڙيل گلڙن مُنهنجي پري کان ئي آجيان ڪئي. هوڏانهن ڪويل بہ ڪَڪر ڏِسي پنهنجيءَ ڌُن ۾ لڳي پئي هُئي. هيڙها، بُلبُل ۽ ڳيرا بہ ڌڻيءَ جي ذڪر ۾ مشغُول هُئا. وري جهرڪين ۽ ڪٻرين جو پاڙ ۾ جهيڙو لڳو پيو هو. جو ڏِسڻ وٽان هو ۽ طوطا بہ پنهنجي مِٺڙي ۽ پياري ٻولي ٻولي رهيا هُئا.

ڪانوَ بہ ڪان ڪان ڪري، اُتان پنهنجي روزگار لاءِ اُڏاڻا. وري ڪَنگن جون قطارن جون قطارون بہ پنهنجي مقصد لاءِ اُڏاڻيون. ڪي ڪَنگ ڪنهن طرف تہ ڪي ڪَنگ ڪنهن طرف اُڏامي هليا. هوڏانهن گلڙا بہ پنهنجيءَ پنهنجيءَ خوشبوءِ سان من موهي رهيا هُئا. بهار جي موسم هُئي. باغ ۾ جيڪي بہ وڻ ٽڻ هُئا. سڀ ٻُور ۽ گُل ٻاٽيءَ سان ٽِنڊريا پيا هُئا، سُرهاڻ سان پنهنجو جلوو جمال ڀَسائي رهيا هُئا.

مان سمجهان ٿو جيڪڏهن ڪو بيمار ماڻهو صُبح جو باغ جو سير ڪندو تہ اُهو صحتياب ٿي ويندو. مُنهنجي دل اهڙن گلڙن، وڻن ٽڻن ۽ پکين پَکڻن جي لاتين کي ڇڏڻ ڪونہ پئي چاهي پر اسڪول بہ وڃڻو هو. پوءِ گهر موٽي نيرن ڪري، وهنجي سهنجي ڪتاب ڪڻي اسڪول ڏانهن آيس.

****

# نشو نياڳي عادت آهي

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ: ”هاهياري جي هير ٽنگ ڀڄيس تہ بہ نہ مُڙي.“ پر دنيا ۾ ڪا بہ شئي ناممڪن ناهي، بس رڳو اٽل ارادو هُجي. هاهيارو معنيٰ اهڙو ڀاڄوڪڙ يا عادي جانور، جنهن جي ڀڄڻ ۾ ڏِڪڻ جي عادت ايڏي تہ پڪي ۽ پُختي ٿي ويندي آهي، جو ان جي ڄنگهہ ڀڄي پئي، تنهن هُوندي بہ ڀڄڻ يا رُلڻ کان نہ مُڙندو. عادتن تي ٻيون بہ چوڻيون آهن. جيئن سگريٽ ڇڪڻ بابت انگريزيءَ ۾ عام چوڻي آهي:
Smoking is the bad habit

يعني نشو هڪ تمام خراب عادت آهي. نشو پهريان شوهَہ ۾ لَئِہ خاطر ڪبو آهي، پوءِ وري آهستي آهستي انسان انهيءَ نشي ۾ ڦاسي ويندو آهي. همراهہ اهڙو تہ اَڙجي ويندو آهي، جو سگريٽ جو سُوٽي مٿان سُوٽو پيو لڳندو ۽ ڇِپٽيءَ جو ٺهڪي مٿان ٺهڪو پيو پوَندو. ائين پيو محسُوس ڪندو ڄڻ دنيا ۾ ان جهڙو ٻيو ڪو مُشڪل هُوندو.

وري جيڪڏهن بس وغيرهہ ۾ چڙهيو تہ ڪٽي ڪيڏي بہ سوڙهہ هُجي تہ بہ همراهہ ڦُوڪ ضرور ڀريندو ۽ وڏيءَ لئہ ۽ داٻ (Pressure) سان پيو وات مان ڌُونهون ڪڍندو. اهو خيال بہ نہ ڪندو تہ مٿان منهنجي ڏُکيل سگريٽ مان ڪنهن جو ڪپڙو سڙي پئي يا ڪنهن جو دونهين سان ساهہ مُنجهندو هُجي.

اهڙا ماڻهو فضول خرچيءَ ۽ صحت وِڃائڻ جا عادي هُوندا آهن. جڏهن تہ الله تعاليٰ فضول خرچيءَ ۽ نشي کي نِنديو آهي. سچ اهو آهي تہ نشئي ماڻهو جيڪڏهن رستن تي يا عوامي هنڌن تي پنهنجن اِنهن ڪنين عادتن کان نہ ٿا مُڙن تہ نشي جي پرچار ٿئي ٿي ۽ ٻيا ماڻهو بہ ڏانهُن راغب ٿين ٿا. نشي جي واهپي سبب مختلف مرض تي پوَن ٿا. جيڪي انسان جي ذهن توڙي صلاحيتن تي تمام گهڻا خراب اثر ڇڏن ٿا ۽ موت جو سبب بڻجن ٿا. تنهن ڪري اسان کي هر قسم جي نشي کان پري ڀڄڻ گهُرجي.

(21 هين ڊسمبر 1987ع)

# نياڻين جي تعليم جي اهميت ۽ ضرورت

دنيا ۾ جيڪا بہ ترقي ٿي آهي، اُن جو جيڪڏهن سبب معلُوم ڪيو ويندو تہ، وڏي ۾ وڏو سبب ۽ بُنياد عِلم ڏسڻ ۾ ايندو. دُنيا ۾ جيڪي بہ قومون مٿيريون آهن، اُهي پنهنجي عِلم، عقل ۽ ڏاهپ جي ڪارڻ ئي ان منزل تي پهتيون آهن. اهڙيءَ ريت دنيا جا جيڪي بہ وڏا وڏا ڏاها، مدبر، سائنسدان، سياستدان ۽ مفڪر ٿي گذريا آهن يا هن وقت موجُود آهن، سي بہ عِلم جي ذريعي ئي پنهنجي ماڳ تي پهتا آهن.

اوهان اهو تہ ٻُڌو هُوندو تہ علم انسان جي ٽين اک آهي پر مان سمجهان ٿو تہ جنهن وٽ علم نہ آهي، اُهو ڄڻ ٻنهي اکين کان محروم آهي. هُو شيون ڏسي تہ سگهي ٿو پر پرکي، پروڙي ۽ منزل حاصل ڪري نہ ٿو سگهي.

اِهو ئي سبب آهي تہ دنيا ۾ جيڪي بہ مذهب آيا اُنهن تعليم ۽ تربيت تي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏنو. هنن جي پرچار جو وڏو ذريعو تعليم ئي رهي آهي. تاريخ شاهد آهي تہ جيڪو ڪم قلم سان ڪيو ويو آهي، سو ترار کان ناهي ٿي سگهيو. اسان پنهنجي مذهب اسلام تي ئي نظر ڦيرائينداسين تہ ان جي ابتدا ئي تعليم، تربيت ۽ اخلاقيات سان ملندي. حضور اڪرم ﷺ جن کي پهريون سبق اقراءَ يعني پڙهہ جو ڏنو ويو. حضرت محمّد مُصطفيٰ ﷺ هِن دُنيا تي جيڪو انقلاب آندو سو عِلم جي ذريعي ئي آندو. پاڻ هڪ سچي رسُول ۽ نبيءَ سان گڏ دنيا جو وڏي ۾ وڏو مُعلم بہ هو. حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي عِلم، ڏاهپ ۽ بُردباريءَ وسيلي اُنهن کي بہ صحيح انسان بڻايو جيڪي ٻين ڏوهن سان گڏ پنهنجين نياڻين تي وڏا ظلم ڪندا هُئا. انهن ظلمن ۾ منجهان نياڻين کي علم پِرائڻ کان روڪڻ بہ شامل هو. اسلام مُسلمان مرد توڙي عورت لاءِ عِلم حاصل ڪرڻ لازمي ڪري ڇڏيو آهي.

اسان پاڻ کي مُسلمان تہ سڏرايون ٿا پر ان جي پيروي صحيح نمُوني سان نہ ٿا ڪريون. مختلف هٿراڌو ريتن رسمن کي بُنياد بڻائي

خاص ڪري نياڻين کي تعليم جهڙي زيور کان پري رکڻ ٿا. اسان وٽ عام تاثر اهو آهي ته نياڻي پڙهندي ته خراب رستي تي نڪري ويندي. اها سوچ بلڪُل غلط آهي. اها سوچ ظاهر ڪري ٿي ته، اسان پنهنجيءَ نياڻيءَ کي ڪو به حق نه ٿا ڏيڻ چاهيون؛ ڇا ڪاڻ ته جيڪڏهن نياڻي پڙهي شعور واري ٿي ويندي ۽ پنهنجن جائز حقن جي گهُر ڪندي ته، اسان کان اهو برداشت نه ٿيندو. اِها سوچ غلط آهي. پنهنجيءَ ڪوڙيءَ اَنا ۽ هَٺَ خاطر اسان ظلم پُٺيان ظلم ڪندا رهون ٿا. ان ظلم جا انفرادي توڙي اجتماعي ڪيترا ئي هاڃا ٿين ٿا؛ جن جي نتيجي ۾ گهرن جا گهر، ڳوٺ، شهر ۽ ڪُڙم قبيلا تباهه ٿي وڃن ٿا.

پڙهيل ڳڙهيل نياڻيءَ جي ڪري اسان جي ڪُٽنب، گهر، ڳوٺ، شهر ۽ قوم کي جيڪو فائدو پهچي ٿو، اسان اُنهيءَ ڏانهن نهارڻ به پسند نه ٿا ڪريون. نياڻيءَ جي پڙهڻ سان پُوري گهر ۾ هڪ انقلاب اچي وڃي ٿو. سڄي گهر جو اُٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ تبديل ٿي وڃي ٿو. جيڪو ماڻهو پنهنجيءَ نياڻيءَ کي پڙهائيندو سو لازمي پنهنجي پُٽ کي به پڙهائيندو. جڏهن هڪ گهر ۾ عِلم داخل ٿئي ٿو ته، اُن جي سُرهاڻ يا هُڳاءُ هورِيان هوريان وڌندو وڃي ٿو. اسان وٽ تعليم حاصل ڪرڻ جو وڏو مقصد روزگار حاصل ڪرڻ آهي، جيڪا پڻ چڱي ڳالهه آهي پر عِلم حاصل ڪرڻ سان ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو به اچي ويندو آهي.

عام تاثر اِهو آهي ته، نياڻين کي نوڪري نه ناهي ڪرائڻي سو پڙهائجين ڇو؟ اها سوچ بهتر نه آهي. جن به قومن عورتن جي صلاحيتن ۾ ڏاهپ کي صحيح نمُوني ڪم آندو آهي، اُنهن وڏي ترقي ڪئي آهي. هڪ گهر جي خوشحاليءَ ۾ جڏهن مرد توڙي عورت جي محنت شامل ٿئي ٿي ته، اها خوشحالي ٻيڻي ٽيڻي ٿي وڃي ٿي. ڪيترين ئي سنڌي نياڻين تعليم حاصل ڪري نه رڳو پنهنجي گهر ۽ ٻارن ۾ بهتري آندي آهي پر ملڪي ۽ عالَمي سطح تي نالو روشن ڪيو آهي. انهن مان شهيد محترمه بينظير ڀٽو (پاڪستان جي اڳوڻي وزيرِاعظم)،

پروفيسر انيتا غلام علي (تعليم جي اڳوڻي وزير)، محترمہ مهتاب اڪبر راشدي (سنڌ جي مختلف محڪمن جي اڳوڻي سيڪريٽري ۽ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي)، محترمہ شمشاد اختر (اسٽيٽ بينڪ جي اڳوڻي گورنر) وغيره ڳڻائي سگهجن ٿيون.

ڪو بہ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڀل نوڪري نہ ڪري تڏهن بہ عِلم هُن ڪي ڪم ايندو. گهر هلائڻ، ڪاروبار ڪرڻ ۽ ٻارڙن جي تربيت وغيرہ ۾ بہ تعليم توهان جي تمام گهڻي مدد ڪندي، تنهن ڪري پنهنجيءَ سوچ کي وسيع ڪرڻ گهُرجي.

تعليم هر ميدان ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ انتهائي لازمي آهي. هن وقت سنڌ ۾ هڪ تمام وڏو سماجي بُحران پيدا ٿي ويو آهي تہ، ٻهراڙين ۾ جيڪي نوجوان عِلم حاصل ڪن ٿا، سي پنهنجي بهتر مُستقبل ۽ روزگار لاءِ شهرن ڏانهن اچن ٿا، جيڪا تمام بهتر ڳالهہ آهي. هُو شادي بہ شهر جي ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ سان ڪن ٿا. نتيجي ۾ ڳوٺ ۾ وينل نياڻيون شاديءَ کان بہ رهجي وڃن ٿيون. انهن نوجوانن کان جڏهن اوهين پُڇندؤ تہ اوهان ڳوٺ مان شادي ڇو نہ ڪئي؟ هُو وراڻيندا سائين! مان پڙهيل ڳڙهيل آهيان سو ڪنهن اڻ پڙهيءَ ڇوڪريءَ سان ڪيئن ٿو شادي ڪري سگهان؟ ڪيترن ئي ڇوڪرن تہ ڳوٺ واريءَ گهر واريءَ کي ڇڏي شهر ۾ ٻي شادي بہ ڪئي آهي.

اهڙا ڪيترا ئي سماجي مسئلا اسان جي سامهون آهن. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي سوچ مَٽڻي پوَندي. هڪ گهر، شهر ۽ قوم جي ترقي مرد ۽ عورت تي دارو مدار رکي ٿي. ٻئي جڏهن پڙهيل ڳڙهيل هُوندا تڏهن ئي ترقيءَ جي رفتار بہ وڌي سگهي ٿي.

هن وقت هر ڳوٺ توڙي شهر ۾ نياڻين لاءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري تعليمي ادارا موجُود آهن ۽ اوهان جي نياڻين جي اوسيڙي ۾ آهن، تنهن ڪري انهن مان ڀرپُور فائدو وٺو.

****

# سنڌ جا پورهيت ٻار ۽ گلوبل مارچ 1998ع

ڏنو وڃي ته هن وقت پُوري قوم ڏتڙيل حالت ۾ وقت گذاري رهي آهي. مرد توڙي عورتون، پوڙها توڙي جوان معاشي، سياسي ۽ سماجي گهاٽي ۾ پيڙجي رهيا آهن. ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿل سماج جا ٻارڙا به ان پِيڙا جا ايترا ئي شڪار آهن، جيترا وڏا ڦاٿا پيا آهن. فرق صرف اهو آهي ته، وڏا ڪُجهه وزن کڻڻ جي سگهه رکن ٿا ۽ ننڍڙا ٻارڙا ان بوجهه ۾ پنهنجون ٽيلهيون ئي ڀڃائي ويهن ٿا. پورهيو ڪرڻ ڪو عيب ڪونهي پر ان جا به ڪي طور طريقا ۽ ماڻ ماپا ٿيندا آهن. اسان وٽ اڪثر انهن اصُولن جي ڀڃڪڙي ڪئي وڃي ٿي. جيئن پورهيت کي ٻئي درجي جو شهري سمجهيو وڃي ٿو، ايئن پورهيت ٻارڙن کي وري ٽئين درجي جو شهري سمجهيو وڃي ٿو. ان جا بُنيادي حق تعليم، راند روند ۽ صحت سڀ کسيا وڃن ٿا. ٻارڙن کان هڪڙو پورهيو ته، سندن مائٽ وٺن ٿا. جيئن ڪانئن مال چارايو، پوک ۾ ڪم ڪرايو، پنهنجي دڪان تي ويهاريو وڃي ٿو ۽ ٻيا اهڙا ڪم ورتا وڃن ٿا. انهن جو مائٽ کين ڪو به معاوضو نه ٿا ڏين. سواءِ ان جي ته کين ٻن وقتن جي ماني، ڪپڙا ۽ ڪڏهن ريپو به رپيا خرچي ڏني وڃي ٿي؛ جڏهن ته ٻئي هنڌ، جيئن ڪنهن ڪارخاني ۽ گيريج ۾ ڪم ڪرائڻ، گاڏيءَ جي ڪنڊيڪٽري ڪرائڻ، غاليچن اُڻائڻ، اخبار ڪپرائڻ وغيره جي ڪم جو معاوضو ته ڏنو ويندو آهي پر اهو تمام گهٽ هُوندو آهي. هڪ ته معاوضو گهٽ ٻيو انهن کان ڪم گهڻو ورتو وڃي ٿو ۽ ٽيون انهن سان تمام گهڻو خراب سلُوڪ ڪيو وڃي ٿو. ڪٿي ڪٿي ته جنسي ڏاڍ جو

ٻہ نشانو بڻايو ويجِن ٿو. ان کان سواءِ ڪين گهٽ وڌ ڳالهائڻ تہ عام ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي. ٻارڙن سان اهڙي قسم جو ظلم رڳو سنڌ ۾ ناهي، پر پُوري پاڪستان توڙي دنيا ۾ گهڻي ڀاڱي اهو ئي وهي واپري ٿو. هڪ رپورٽ مطابق دنيا ۾ پنجن کان چوڏهن سالن جا ڪروڙين ٻار پورهيو ڪن ٿا. انهن مان اڌ ٻار سڄو سڄو ڏينهن پورهيو ڪن ٿا. انهن مان اڪثر ٻار ايشيائي مُلڪن ۽ باقي آمريڪا ۽ لاطيني آمريڪا سان تعلق رکن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ، اها رپورٽ تہ انهن ٻارڙن جي آهي جيڪي سروي ڪندڙن جي سامهون اچي سگهيا پر لکين پورهيت ٻار اهڙا هُوندا جيڪي ڳڻپ کان رهجي ويا هُوندا. جيئن اسان جي سنڌ جي ٿر ۾ ٻارڙن کان غاليچا وغيرهہ اُڻايا ۽ ٻيا پورهيا ڪرايا وڃن ٿا. اهڙا ڪيترا ئي علائقا هُوندا جتي جا پورهيت ٻار ڳڻپ کان رهجي ويا هُوندا.

اهڙن ٻارن سان همدرديءَ ۽ جبري پورهئي جي خاتمي لاءِ سڄيءَ دُنيا ۾ 1998ع ۾ گلوبل مارچ شروع ڪيو ويو. پاڪستان ۾ اهو مارچ تيرهين اپريل کان شروع ٿي ايڪيهين اپريل تي ڪراچيءَ ۾ ختم ٿيو. اهو مارچ لاهور کان ٿيندو سيال ڪوٽ، گجرات، فيصل آباد، ساهيوال، عارف والا، وهاڙي، ملتان، بهاول پور، احمد پور شرقيا، خان پور، رحيم يار خان، سکر، خيرپور، نواب شاهہ، هالا، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ پهتو. ان ۾ سماجي تنظيمون، صحافي، عام ماڻهو وغيرهہ شامل ٿيا. ان مارچ جو خاص مقصد سڄيءَ دنيا جي سمُورن ٻارن جي حقن جو بچاءُ، بنا معاوضي جي تعليم ڏيارڻ، معاشي پائماليءَ کان بچائڻ ۽ اهڙن ڪمن کان تحفظ ڏيارڻ آهي، جن سان ٻارڙن جي جسماني، ذهني، روحاني، اخلاقي ۽ سماجي واڌ وِيجهہ تي خراب اثر

پوَن ٿا، وغيرھ شامل آھن. انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن (ILO) ٻارن جي پورهئي کي هيٺينءَ ريت واضح ڪيو آهي.

چئن ڪان چوڏھن سالن جي عُمر وارن ڪم ڪندڙ ٻارن کي پورهيت ٻار چئجي ٿو. ڪانئن روزانو ٻارهن ڪان چوڏھن ڪلاڪ ڪم ورتو وڃي ٿو. هُو بيمار رهن ٿا ۽ خطرناڪ حالتن ۾ ڪم ڪن ٿا. هُو جسماني، سماجي ۽ نفسياتي دٻاءَ ۾ رهن ٿا. کين تمام گهٽ پگهار ڏني وڃي ٿي. کين آرام، کيڏڻ ۽ پڙهڻ جو ڪو بہ وقت ڪونہ ٿو ملي.

پاڪستان جي 1998ع ۾ آبادي چوڏهن ڪروڙن جي لڳ ڀڳ هُئي، (جڏهن تہ هينئر ٻاويهن ڪروڙن کان مٿي آهي.) يونيسيف جي رپورٽ مطابق انهيءَ مان اڌ آبادي ٻارڙن جي آهي جن مان چوويهہ ملين هڪ ڏينهن کان وٺي پنجن سالن تائينءَ جا ٻارڙا ۽ چوويهہ ملين پنجن کان ارڙهن سالن جا ٻارڙا آهن. انهن چوويهن ملين مان رڳو چوئيتاليهہ سيڪڙو يعني اڌ کان بہ گهٽ ٻارڙا اسڪُول ويندا آهن. باقي اسڪُولن کان محروم آهن. پاڪستان جي حڪُومت جي 1998ع جي رپورٽ مطابق 3.3 ملين ٻارڙا پورهيو ڪن ٿا؛ پر ڏٺو وڃي تہ اسان جي مُلڪ ۾ جيئن تيزيءَ سان ٻار پيدا ٿين ٿا، تيئن ٻارن جو پورهيو وڌندو وڃي ٿو. ان حساب سان ڏِسجي تہ اسان جي مُلڪ ۾ انهن انگن اکرن کان بہ ٻيڻ تي ٻارن کان جبري پورهيو ورتو وڃي ٿو. سنڌ ۾ خانگي جيل بہ آهن؛ جن ۾ خاندانن جا خاندان انهن جيلن ۾ بند ڪيا وڃن ٿا ۽ پنجاهہ سالن کان پوءِ بہ رڳو ڪُجهہ خانگي جيلن جو پتو لڳي ٿو تہ ان مان اندازو لڳايو تہ ڪيترا ٻار جبري پورهئي جو شڪار ٿيندا هُوندا؟ جتي مرد ۽ مايون ظلم جو شڪار آهن تہ اتي جا ٻارڙا ڪيئن محفوظ هُوندا؟ ٻارڙن جي پورهئي بابت روزانو اخبارن ۾ خبرون ڇپجنديون رهن ٿيون.

خاص طور تي ٽر ۾ غاليچن جي صنعت معصُوم ٻارن جي نرم ۽ نازڪ آڱرين سان هلائي وڃي ٿي. بُک ۽ بد حاليءَ جي ڪري پورهئي لاءِ ٻارڙن کي وِڪيو بہ وڃي ٿو. پاڪستان ۾ قانوني طور ٻارڙن کان پورهئي وٺڻ جي جهل آهي پر ٻين قانونن وانگر اهو قانون بہ عمل جو اوسيئڙو ڪري رهيو آهي. 1991ع ۾ ٻارڙن جي پورهئي کي بند ڪرڻ جو قانون The Children Employment 1991 لاڳو ڪيو ويو هو: جنهن ۾ فيڪٽرين، ڪاٽين وغيره ۾ چوڏهن سالن تائينءَ جي ٻارن کان پورهئي وٺڻ جي پابندي لڳائي وئي هُئي. چوڏهن سالن کان گهٽ ٻار کان دڪانداريءَ جو ڪم بہ نہ ٿو وٺي سگهجي. مرچنٽ شپنگ ايڪٽ 1923ع مطابق چوڏهن سالن کان گهٽ ڄمار واري ٻار کان شپنگ انڊسٽريءَ ۾ ڪم نہ ٿو وٺي سگهجي. روڊ ٽرانسپورٽ ورڪرس آرڊيننس 1991ع مطابق ارڙهن سالن جي ڄمار کان گهٽ ٻارن کان اهو پورهيو بہ نہ ٿو وٺي سگهجي. اِي سي اَي (ECA) جي پاڱي ٽئين مطابق رات جو ستين وڳي کان صُبح جو ستين وڳي تائين هر قسم جي پورهئي وٺڻ تي پابندي آهي ۽ هر ٽئين ڪلاڪ تي پورهيت کي ساهي پَٽڻي آهي: پر هتي سڀ ڪُجهہ ان جي اُبتڙ پيو ٿئي. لڳي ٿو تہ اهو قانون رڳو ڪتابن جي سُونهن بڻائڻ لاءِ ناهيو ويو آهي.

ٻارڙن جي پورهئي جو وڏو سبب غربت آهي. هر مائٽ جي دل چاهيندي هُوندي تہ سندس ٻار سُٺي تعليم حاصل ڪري. سُٺو پهري، سُٺو پيئي کائي، گهمي ڦِري، کيڏي ڪُڏي ۽ خوش رهي پر معاشي مجبُوري سندس سمُورين آسن ۽ اُميدن کي ناس ڪري ڇڏي ٿي. اسان وٽ ٻار گهڻا پيدا ڪيا وڃن ٿا ۽ پوءِ انهن جي صحيح سار سنڀال مسئلو بڻجي وڃي ٿي: جنهن ڪري پنهنجن بُنيادي حقن کان

وانجهجي وڃجي ٿو. ٻار مختلف بيمارين ۾ ڦاسي موت جو کاڄ بہ بڻجي وڃي ٿو. هڪ اندازي مطابق پاڪستان ۾ هر سال چاليھہ لک ٻار ڄمن ٿا، جن مان چار لک تہ هڪ سال جي ڄمار تائين مس جيئرا رهن ٿا ۽ ڪي پنجن سالن تائين بہ مشڪل سان پهچن ٿا. جيڪي ٻارڙا بچي وڃن ٿا اُنهن کي نہ صاف پاڻي ملي ٿو ۽ نہ ئي صحيح خوراڪ ملين ٿي. تعليم تہ پري جي ڳالهہ آهي. ٻارڙن جي حقن جا قانون تہ ٺاهيا ويا آهن پر اُنهن تي عمل نہ پيو ٿئي. جيئن نومبر 1989ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ٻارڙن جي حقن جي معاهدي جي منظوري ڏني هُئي، جنهن کان پوءِ سيپٽمبر 1990ع ۾ ٻارڙن جي حقن بابت بين الاقوامي ڪنوينشن ٿي، جنهن ۾ پاڪستان پڻ شريڪ ٿيو هو. ان مطابق دنيا ۾ هر ايندڙ ٻار جي بقا، تحفظ ۽ ترقيءَ کي بنيادي حق طور مڃيو ويو هو.

هاڻي قانون تہ موجُود آهي پر ضرورت عمل جي آهي. فرض ڪريو جيڪڏهن عمل ڪيو بہ وڃي، تنهن اُس ۾ پاڻي ڪپائيندڙ ٻار، اخبار وڪڻندڙ ٻار، چولا ۽ لائي وِڪڻندڙ ٻار، غاليچن اُڻندڙ ٻار، گيريج ۾ ڪم ڪندڙ ٻار ۽ هوٽل ۽ دڪان هلائيندڙ ٻار کان پورهيو کسيو وڃي تہ ڇا هُن کي تعليم سان گڏ لتو ڪپڙو ۽ ماني ڏني ويندي؟ ان صُورت ۾ گهر جا ڀاتي جيڪي ٻارڙي جي پورهئي تي پلجن ٿا، اُنهن جي پيٽ جي آڳ ڪير اُجهائيندو؟ ٻهراڙين ۾ ڪير اسڪُول قائم ڪندو جتي مسڪين ماروئڙا پڙهندا؟

ٿي سگهي ٿو تہ مسئلا اجا وڌندا. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ٻارن جي حقن لاءِ آواز نہ اُٿارجي. منهنجي چوڻ جو مقصد آهي تہ، هتان جي ماڻهن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري، اُنهن ۾ جاڳرتا

پيدا ڪري، پوءِ انهن قانونن تي سختي ڪجي. ها باقي ان ڳالهہ تي بہ سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي تہ، ٻارڙن کان سخت پورهئي بدران سوَلو ڪم ورتو وڃي. ان جو صحيح معاوضو ڏنو وڃيِ ۽ اسڪُول جي وقت تي ڪانئن پورهيو نہ وٺجي ۽ سندن ٿورو وقت ورتو وڃي. جيڪو ادارو ٻارڙن کان ڪم وٺي اُن کي ٻار جي تعليم، کيڏڻ ۽ تفريح وغيرهہ جو پابند بڻايو وڃي. ان جي پڇڪڙي ڪندڙن کي سخت سزا ڏني وڃي. ميڊيا جي ذريعي ماڻهن ۾ اها جاڳرتا پيدا ڪئي وڃي تہ، هُو پورهيت ٻارڙن سان پيار ۽ محبت سان پيش اچن. کين پنهنجن ٻارڙن وانگر سمجهن. هوٽلن وغيرهہ تي ڪم ڪندڙ ٻارڙن سان اڪثر ڪري اسان جا ماڻهو سُٺو پيش نہ ايندا آهن. بهر حال مجمُوعي طور تي ٻارڙن سان رويا بهتر ۽ پنهنجائپ وارا رکيا وڃن. گلوبل مارچ جو مقصد بہ اهو ئي آهي. حڪُومت توڙي عوام ٻارڙن کي سندن حق ڏين ۽ صحيح سار سنڀال لهن، ڇا ڪاڻ تہ سُياڻي انهن ئي ٻارڙن کي مُلڪ سنڀالڻا آهن. جيڪڏهن اهي پيڙهيل ۽ مجبُور هُوندا تہ ملڪ ۽ قومون بہ پيڙهيل ليکيون وينديون. سنڌ جا ٻارڙا بہ هن گلوبل مارچ کي ڏِسي سَرهائي محسُوس ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجو آواز دُنيا جي ٻارڙن سان گڏائي، ڏاڍي خوشي محسُوس ڪري رهيا آهن. هاڻي وڏن جو فرض آهي تہ هُو بہ ٻارڙن کي سڏ ۾ سڏ ڏين ۽ کين حق ڏين.

****

(روزاني هِلال پاڪستان ڪراچي، اڱارو 21 اپريل 1998ع بمطابق 23 ذوالحج 1418 ھ)

# مزاحيہ خبرون

هيءُ ريڊيو رُنلستان آهي. قبرستان جي ڪانڊاري وقت مطابق سج ساجهرئي لهي پيو ۽ اُيرڻ ۾ اوير ڪئي اٿس. اُوندهہ جي اثر ڪري منهنجون اکيون ڪم نہ ٿيون ڪري سگهن. ان ڪري وڏيڪ وقت ٻُڌائڻ لاءِ زور وِجهي مُنهنجي لاءِ آزار نہ وڌايو. چڱو اچڻ ٿا اوهان جي خبرن جي دورنگي دنيا ۾. ترُ تڪڙ ۾ ڪوسيون ڪوسيون خبرون ڪاوڙ مان سينو ڪولي، ڪن ٻُوري ۽ وات پَٽي ڇاتل سُڇاتل ڇاهي ڪان ٻُڌندا ۽ سڄي عُمر ياد رکندا.

ڇمڇا گهٽي ڳوٺ ڄامڙن ۾ اڄ رات ٻہ نقاب پوش ماڪوڙا، جيڪي گڏهہ تي سوار هُئا، ڪلاشنڪوف جا برسٽ هڻي، مينهون يَڃِي ڀِتيُون ڪاهي ويا. ڀتين جي ڪاهجي وڃڻ سان ڇت کي ڪو بہ مالي نقصان نہ پهتو آهي ۽ اها ڇت اڃان ڪافي صدين تائين سلامت رهندي.

جڏهن اهو اطلاع پوليس ڀَٽاريءَ کي پهتو تہ، اُها ڀاڳين کي گرفتار ڪري ڪانئن ڏاڙيلن جي پُڇا ڳاڇا ڪري رهي آهي. اسان جي ڇمڙا پور جي نڍَڙڪي نمائندي کي پوليس جي هڪ اعليٰ عملدار ٻُڌايو تہ، پوليس ۽ نقاب پوش پاڻ ۾ ملي ڀاڳين جي انهن سازشن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ گڏيل مشقون ڪندا.

اسان جي نياڳ پور جي نمائندي نڙ بيت فقير نياپو ڏنو آهي تہ، ڪالهہ هتي سم اينڊ پوسل هائوس ۾ آل پاڪستان مڇر ايسوسيئيشن جو اهم اجلاس ماسيءَ مک جي صدارت ۾ ٿيو. جڏهن تہ مُک مهمان ڏاڏو ڏينپيو هو. انهيءَ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ، ڦوهاري وارن فسادين خلاف مُهم هلائي ويندي. ان تي سنڌ جي مڇرن اعتراض اُٿاريو تہ، ڦوهاري وارا آهن ئي ڪونہ. باقي ڪارروائي ڪنهن سان ڪجي؟ ڪاوڙ ۾ هُنن اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو ۽ عدم اعتماد جي رٺ بابت سوچي رهيا آهن. ڪڏهن بہ ڪو بہ نئون ڏماڪو

ٿي سگهي ٿو. سيئي فيصلا پُورا ڪرڻ ڪان پوءِ سنڌ جي مڃرن ڪي پرچائي اجلاس ۾ آندو ويو. ڇو جو هُو اجلاس هائوس جي ٻاهران انتظار ۾ هُئا تہ ڪين من ڪو پرچائڻ اچي.

ٻاٽو ساٽو ذريعن مطابق زڪاة جا پيسا حاجي هڙ ڪائو صاحب پنهنجن هٿن مُبارڪن سان ايندڙ صديءَ جي آخري سال جي تيرهين مهيني جي پنجٽيهين تاريخ تي ورهائيندو. تيستائين هُن جون هڏيون بہ ڳري ويندي‌يون. اُميد آهي تہ ماڻهن جون دليون ڪٽي وٺندو. خواهشمند ماڻهن ڪي صلاح ٿي ڏِجي تہ گُرڙي ڪري وات ڏوئي ويهن. پوءِ ائين نہ ٿئي تہ ان سونهري موقعي مان فائدو نہ وٺي سگهن.

راندين وارو وزير شريمتي گدڙ گگدام اڄ منجهند جو جڏهن ٽِڙڪ ٽِگي اسٽيڊيم تي پهتو تہ، عالَمي ٻلي ڪُوئو ٽورناميٽ هلي رهي هُئي; جنهن ۾ اتفاق سان ڪُئي جو ٻال جهرڪيءَ کي لڳو ۽ جهرڪين شور مچائي وزير صاحب جو پَٽڪو لاهي وِڌو. پوءِ اهو سرڪاري اعلان ڪرايو ويو تہ وڏي طوفان ڪري راند ٿي نہ سگهي.

پڇاڙيءَ ۾ مُنڍ معاف ڪندا. ڪُليو ڪونهي. آخر ۾ مُندا! مُندائتن موالين اطلاع ڏنو آهي تہ، ايندڙ چوويهن سيڪنڊن اندر آسمان تي گڙٻڙ رهندي ۽ هوا بي دردي‌ءَ سان دلين کي ڏَڪ هڻندي. ان ڪري هر ڪو پنهنجي دل ڪنهن محبُوب کي ڏئي اچي. باقي سڄ سڙڻ تي آهي ۽ اُوندهہ ڪُٽڻي ناهي. ان ڪري ڪو بہ حويليءَ ڪان ٻاهر نہ نڪري. جيڪڏهن نڪتو تہ، اها حڪُومت جي ذميداري هُوندي. سرمائيدارن ۽ وڏيرن کي صلاح ڏني وئي آهي تہ، هُو پنهنجا بنگلا ڇڏي ڪُڙمين وارين ڪکائيون جهُوپڙيون وَسائن; جن کي تيلي ڏيڻ سان باهہ نہ ٿي لڳي سگهي.

انهيءَ تي ڪاريون ڪتيون ڪبرون ڪتم ٿيون. مهرباني ڪري هتان نڪران تہ ناراض نہ ٿجو. اڳي ئي ڪاوڙ جو قدر ڊالر کي ڊيڄاري رهيو آهي، نہ تہ سُپاٽي خبرن ٻُڌائڻ ڪان هڙتال ڪئي ويندي ۽ پوءِ ڏاڍا ڏُکيا ٿيندؤ. ڇگُو جُدائيءَ ۾ جلندا رهنداسين.

****

# پوزيشن هولڊر غُلام مُصطفيٰ حيدر چامڙي سان مُلاقات

## ڳالهہ ٻولهہ: ڪمال چامڙو

**[نوٽ: هيءُ انٽرويو ٻارڙن جي ماهوار رسالي گل ڦل ۾ شايع ٿيو هو، جنهن جي ٻيهر ڪتاب ۾ ڇاپڻ جو وڏو مقصد ٻارڙن کي اُتساهڻ آهي. هُو جيڪڏهن سُٺو پڙهندا ۽ پوزيشن کٽندا تہ، اخبارن ۽ رسالن ۾ سندن هيئن عزت افزائي ٿيندي. سوشل ميڊيا تي بہ ماڻهو کين مُبارڪُون ڏيندا. هر هنڌ خاص ڪري گهر ۽ اسڪُول ۾ ۽ ٻاهر سندن مانُ مٿانهون ٿيندو.]**

ٻارو! انسان سڀئي هڪ جهڙا آهن، پر هر ڪنهن جا خيال ۽ سوچون مختلف ٿين ٿيون ۽ هر ڪنهن جا عمل بہ الڳ آهن. جيئن توهان مان ڪي ٻار سُست، ڪم چور ۽ ٽوٽي ٿين ٿا تہ ڪي وري ڏاڍا چُست ۽ همٿ وارا ٿين ٿا. همٿ جي آڏو جبل بہ جهُڪي پوَن ٿا. اهڙا سدورا شاگرد هر هنڌ مان ۽ عزت ماڻيندا آهن.

اڄ مان اوهان کي هڪ اهڙي باهمت ساٿيءَ سان ملايان ٿو، جيڪو هڪ سُٺو اسڪائوٽ، سماجي ڪارڪُن، اسٽيج ڪمپيئر ۽ هر درجي ۾ نمايان حيثيت رکندڙ آهي. سندس نالو آهي غُلام مُصطفيٰ حيدر پُٽ غُلام حيدر چامڙو، ڳوٺ اٽس ڳوٺ گل محمّد چامڙو لڳ راڻي پور، تعلقو ڪوٽ ڏيجي، ضلعو خيرپور.

هُن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري پرائمري اسڪُول ۽ باقي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪُول نمبر هڪ ٽنڊي ڄام فارم مان

حاصل ڪئي. ذهين جماعت ۾ سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ حيدرآباد مان 752 مارڪون کڻي ٽيون نمبر ماڻيو اٿائين، جڏهن ته ٻئي نمبر واري 753 ۽ پهرئين نمبر واري 756 مارڪون کنيون آهن. ساڍس جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي سا هتي ڏجي ٿي.

**ڪمال: موجُوده تعليمي معيار بابت توهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟**

**غُلام مُصطفيٰ:** معيار انتهائي گهٽ آهي، جنهن جو وڏو ۽ اهم سبب هن معاشري جون اُوڻايون، وي سي آر، وڊيو رانديون وغيره آهن. ٻيو ته اسڪُولن ۾ اُستادن ۽ سائنسي سامان جي کوٽ ۽ اڻ تربيت ورتل اُستادن جو هُجڻ، نصاب گهٽو ۽ غير معياري هُجڻ به شڪايت جوڳا آهن.

**ڪمال: ادا امتحاني سرشتو ڪيئن هُجڻ گهُرجي؟**

**غُلام مُصطفيٰ:** اسان وٽ هاڻي امتحان ۾ ڪاپي روڪرائڻ لاءِ امتحان سائنسي طريقي مُوجب ورتا وڃن ۽ وڌ ۾ وڌ هُنري تعليم ڏني وڃي.

**ڪمال: غير نصابي سرگرمين جو هُجڻ ڪيتري قدر لازمي آهي؟**

**غُلام مُصطفيٰ:** ياءُ! ان حقيقت کان ڪير انڪار نه ٿو ڪري سگهي ته نصابي تعليم سان گڏ هم نصابي سرگرميون به ضروري آهن. انهن کي تعليم کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي. مان سيني اُستاد صاحبن کي عرض ڪندس ته شاگردن کي غير نصابي سرگرمين ۾ ضرور حصو ڏيارن.

**ڪمال: سياست شاگرد کي سنواري ٿي يا بگاڙي ٿي؟**

**غُلام مُصطفيٰ:** ادا سياست شاگردن ۾ شعوري سگهه پيدا ڪري ٿي ۽ سياست کي غير نصابي سرگرمي ڪونجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. صحيح سياست جو اثر هرون پرون تعليم تي نه پوَندو، پر شرط

اهو آهي تہ سياست وقت سياست، تعليم وقت تعليم ۽ راند وقت راند ڪجي.

**ڪمال: توهان جي پسنديدہ شخصيت، اُستاد ۽ ڪتاب ڪهڙو آهي؟**

**غُلام مُصطفيٰ:** مُنهنجي پسند جي شخصيت حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، اُستاد سائين منظور احمد ميمڻ ۽ ڪتاب قرآن ڪريم ۽ شاهہ جو رسالو آهن.

**ڪمال: پنهنجن هڪ جيڏن لاءِ ڪو سنيهو ڏيڻ پسند ڪندؤ؟**

**غُلام مُصطفيٰ:** دوستن کي گذارش تہ وڏ ۾ وڏ محنت ڪن. جيڪو ڪم ڪن اُن سان سچائي رکن. پاڻ ۾ ميٺ محبت ۽ ايڪو پيدا ڪن. اسان کي چڱو امتحان پاس ڪرڻ واري سوچ ڪڍي سُٺي ۽ اعليٰ گريڊ ۾ پاس ٿيڻ جي جاکوڙ ڪرڻ گهُرجي.

****

(**ماهوار گل ڦل چام شورو، فيبروري** 1991ع)




**غلام مصطفيٰ حيدر چامڙي جي تازي تصوير**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

**سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.**

**اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.**

**۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.**

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**